صفر المظفر 1445ھ/سیپٹمبر 2023ء



# ماہوار
# فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی

ویب ایڈیشن

# رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذوقِ عبادت

مولانا راشد نور عطاري مدني

حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دينِ اسلامي جي تعليم و تبليغ جي ڏينهن رات جي مصروفيتن جي باوجود الله رب العزّت جي گھڻي عبادت ڪندا هئا. اعلانِ نبوت کان پهريان بہ غارِ حرا ۾ قيام ۽ مراقبي ۽ ذڪر و فڪر جي طور تي الله ڪريم جي عبادت ۾ مصروف رهندا هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بعض اوقات سڄي سڄي رات عباداتِ الٰهي ۾ گذاريندا ها ۽ طويل قيام فرمائڻ سبب سندن قدم شريف سُڄي ويندا ها، پوءِ بہ عبادت ۾ مشغول رهندا ها.

حضرت سَيِّدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز ۾ ايتري قدر قيام ڪندا ها جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مُبارڪ پير سُڄي ويندا ها. (هڪ ڏينهن) حضرت عائشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا عَرض ڪيو: يارسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان هيئن ڪري رهيا آهيو جڏهن تہ رب ڪريم اوهان جي سبب اوهان جي اڳوڻن ۽ پوئين جا گناھ بخشي ڇڏيا آهن!

آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اي عائشہ! (رَضِيَ اللهُ عَنْهَا) "اَفَلَا اَكُوْنُ عَبْدًا شَكُوْرًا" ڇا مان الله پاڪ جو شڪر گذار ٻانهو نہ ٻڻجان.

(مسلم، ص1160، حديث:7126)

## نبي پاڪ ﷺ جي نمازسان محبت:

الله ڪريم جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نمازسان گھڻي محبت هئي، پاڻ نماز کي پنهنجي اکين جي ٿڌاڻ فرمايو. (معجم ڪبير، 420/20، حديث:1012) جڏهن نماز جو وقت ٿيندو هو تہ آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي فرمائيندا ها: قُمْ يَا بِلَالُ فَاَرِحْنَا بِالصَّلَاةِ" اي بلال اُٿ ۽ اسان کي نماز سان راحت پهچاءِ."

(ابوداؤد،4/385،حديث:4986)

## نبي پاڪ ﷺ جي نماز جي ڪيفيت:

حضرت عبدالله بن شخير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نماز واري ڪيفيت جو ذڪر ڪندي فرمائن ٿا هڪ ڀيري مان الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

نماز پڙهي رهيا هئا ۽ روئڻ سبب سندن سيني مان اهڙو آواز اچي رهيو هو جيئن ديڳڙي جو آواز هوندو آهي.

(ابو داؤد،342/1،حديث:904)

هنن بنهي روايتن مان رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نماز سان محبت ۽ خشوع و خضوع جو اندازو ٿئي ٿو، ڪريم آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امتي هئڻ جي ناطي اسان کي به نماز کي واقعي پنهنجي راحت ۽ سڪون جو ذريعو بنائڻ گهرجي.

## نبي پاڪ ﷺ جو نمازِ تهجد جو معمول:

الله جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام عمر نمازِ تهجد جا پابند رهيا، راتين جي نفلن جي باري ۾ مختلف روايتون آهن. بعض روايتن ۾ هي پڻ آهي ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نمازِ عشاء کان بعد ڪجھ دير سمهي پوءِ ڪجھ دير تائين اٿي نماز پڙهندا هئا پوءِ سمهي وري اٿي نماز پڙهندا هئا. صبح تائين اها ئي حالت قائم رهندي هئي. ڪڏهن به تهائي رات گذرڻ کان بعد بيدار ٿي صبح صادق تائين نمازن ۾ مشغول رهندا ها. ڪڏهن اڌ رات گذرڻ کان بعد بستر تان لهي ۽ پوءِ سڄي رات بستر کي پُٺي نه لڳائيندا هئا ۽ ڊگهيون ڊگهيون سورتون نمازن ۾ پڙهندا هئا، ڪڏهن رڪوع ۽ سجدا ڊگها ته ڪڏهن قيام ڊگهو ڪندا ها. ڪڏهن ڇهه رڪعتون، ڪڏهن اٺ رڪعتون، ڪڏهن هن کان گهٽ ڪڏهن هن کان وڌيڪ پڙهندا ها. عمر شريف جي آخري حصي ۾ ڪجھ رڪعتون بيهي ڪجھ ويهي ادا ڪندا هئا، وتر نماز نمازِ تهجد سان گڏ ادا ڪندا ها، آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نمازِ تهجد جي ڪيفيت بيان ڪندي حضرت حذيفہ بن يمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ روايت ڪن ٿا ته هڪ رات مون نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ نماز (تهجد) پڙهي. پاڻ سوره بقره پڙهڻ شروع ڪئي. مون دل ۾ چيو ته پاڻ سڄورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سؤ آيتون پڙهي رڪوع ۾ ويندا، پر پاڻ پڙهندا رهيا. پوءِ مون دل ۾ چيو ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن کي هڪ رڪعت ۾ ختم ڪندا. پر پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندا رهيا. مون سوچيو ته پاڻ هن کي پڙهي رڪوع ڪندا. پر پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سورة النساء شروع ڪئي ۽ اها سڄي پڙهيائون. پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آلِ عمران شروع ڪئي ۽ اها به پوري پڙهي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهسته آهسته تلاوت ڪري رهيا هئا. جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو گذر ڪنهن اهڙي آيت تي ٿيندو هو جنهن ۾ تسبيح (الله جي پاڪي) جو بيان ٿيندو هو، ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تسبيح ڪندا ها ۽ جڏهن ڪا اهڙي آيت پڙهندا ها، جنهن ۾ (الله کان) گهرڻ جو ذڪر هوندو هو ته گهرندا ها ۽ جيڪڏهن ڪنهن اهڙي آيت وٽان گذرندا ها جنهن ۾ پناهه گهرڻ جو ذڪر هوندو، ته پناهه گهرندا ها. پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رڪوع ڪيو ۽ ”سُبْحَانَ رَبِّيَ الْعَظِيم“ پڙهڻ لڳا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رڪوع پاڻ

صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قيام برابر هو. پوءِ پاڻ ”سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنۡ حَمِدَهٗ رَبَّنَا لَكَ الۡحَمۡدُ“ چيائون ۽ وڏي وقت تائين بيٺا رهيا، جيڪو رڪوع جي لڳ ڀڳ هو. پوءِ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سجدو ڪيو ۽ ”سُبۡحَانَ رَبِّيَ الۡاَعۡلٰی“ پڙهڻ لڳا. سندن سجدو سندن قيام جي برابر هو.

(مسلم، ص305، حديث:1814)

## نبي پاڪ ﷺ جو رات جو معمول:

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رات جو آرام به ڪندا ها، الله پاڪ جي عبادت به ڪندا ها، پنهنجي گهروارن کي به وقت ڏيندا ها ته جيئن هر هڪ کي هن جو حق ڏئي سگهجي، حضرت اسود بن يزيد رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا ته مون اُمّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشه رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا کان نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رات جي نماز بابت پڇيائون ته رات جو آقا ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ڇا معمول هو؟ ته حضرت عائشه رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا فرمايائون: پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رات جي پهرين حصي ۾ سمهي رهندا ها، پوءِ اٿي قيام ڪندا ها، هن کان بعد جڏهن سحري جو وقت ويجهو ايندو هو ته پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وتر ادا ڪندا ها، پوءِ پاڻ پنهنجي بستر تي تشريف وٺي ويندا ها، پوءِ جيڪڏهن اوهان کي رغبت ٿيندي هئي ته پنهنجي گهرواريءِ وٽ ويندا ها، پوءِ جڏهن اذان ٻڌندا ها ته پاڻ تيزي سان اٿي، جيڪڏهن غسل جي حاجت ٿيندي هئي ته غسل ڪندا ها نه ته صرف وضو ڪري نماز جي لاءِ تشريف وٺي ويندا ها.

(شمائل ترمذي، ص161، حديث:251)

## رمضان المبارڪ ۾ عبادت جو معمول:

رمضان شريف خاص ڪري آخري عشري ۾ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عبادت گهڻي وڌي ويندي هئي. پاڻ سڄي رات بيدار رهندا هئا ۽ پنهنجي ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللہُ عَنۡہُنَّ کان بي تعلق ٿي ويندا هئا ۽ گهر وارن کي نمازن جي لاءِ جڳائيندا هئا ۽ عام طور تي اعتڪاف ڪندا ها. نمازن سان گڏ ڪڏهن بيهي، ڪڏهن ويهي، ڪڏهن سر بسجود ٿي نهايت آه و زاري ۽ روئيندي ٻاڏائيندي راتين ۾ دعائون به گهرندا ها، رمضان شريف ۾ حضرت جبريل عليہ السّلام سان گڏ قراٰنِ عظيم جو دور به ڪندا ها ۽ تلاوتِ قراٰن مجيد سان گڏوگڏ مختلف دعائن جو وِرد به ڪندا ها.

(صراط الجنان،8/377)

## نبي پاڪ ﷺ جي نفلي روزن جو معمول:

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو رمضان المبارڪ جي فرض روزن کان علاوه نفلي روزا رکڻ جو به معمول هو، جيئن اُمّ المؤمنين حضرت سيده عائشه رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا فرمائن ٿيون ته نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪڏهن ايترا روزا رکندا هئا جو اسان سمجهندا هئاسين ته هاڻي ڪڏهن روزا نه ڇڏيندا ۽ وري ڪڏهن پاڻ ايترا روزا ڇڏيندا ها جو اسان سمجهندا هئاسين ته هاڻي ڪين

روزا ڪڏهن بہ نہ رکندا. مدينہ طيبہ ۾ تشريف فرما ٿيڻ کان بعد پاڻ رمضان جي علاوه ڪڏهن بہ مڪمل ۽ مسلسل هڪ مهيني جا روزا نہ رکيا. ۽ نہ ڪنهن مهيني ۾ پاڻ کي شعبان کان وڌيڪ روزا رکندي ڏٺو. (بخاري،1/648،حديث:1969) هر مهيني جي شروع ۾ ٽي ڏينهن روزا رکندا ها. (ترمذي،2/185،حديث:742) ايامِ بيض يعني چنڊ جي تيرهن، چوڏهن ۽ پندرهن تاريخن جا روزا نہ سفر جي حالت ۾ ڇڏيندا ها ۽ نہ ئي حضر جي حالت ۾ ڇڏيندا ها. (سنن نسائي،ص386،حديث:2342) ڏهہ محرم شريف جو روزو پاڻ بہ رکيائون ۽ ان جي رکڻ جو حڪم بہ ارشاد فرمايائون. (بخاري، 1/656، حديث: 2004) سومر ۽ جمعرات جي ڏينهن جي روزي جو خاص خيال ڪندا ها. ۽ انهن ٻنهي ڏينهن بابت ارشاد فرمايو تہ ”سومر ۽ جمعرات جا عمل (بارگاهِ الٰهي ۾) پيش ڪيا ويندا آهن . مان چاهيان ٿو تہ منهنجو عمل روزي جي حالت ۾ پيش ٿئي.“(ترمذي، 2/186،187، حديث:745،747) ۽ هڪ ڀيري پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کان جڏهن سومر شريف جي ڏينهن جو روزو رکڻ جي باري ۾ سوال ڪيو ويو تہ ارشاد فرمايائون: ذَاكَ يَوْمٌ وُلِدْتُ فِيهِ، وَيَوْمٌ بُعِثْتُ، أَوْ أُنْزِلَ عَلَيَّ فِيهِ يعني هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ منهنجي ولادت ٿي ۽ انهيءَ ڏينهن مان مبعوث ٿيس يا مون تي قرآن نازل فرمايو ويو. (مسلم،ص455،حديث:2747) ڪڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ”صوم وصال“ بہ رکندا ها، يعني ڪيئي ڪيئي ڏينهن رات جو هڪ روزو، پر پنهنجي اُمّت کي اهڙو روزه رکڻ منع فرمائيندا ها، بعض صحابي سڳورن رَضِیَ اللهُ عَنْهُم عرض ڪيو تہ يا رسول الله اوهان تہ صومِ وصال رکو ٿا. ارشاد فرمايو تہ توهان مان مون جهڙو ڪهڙو آهي؟ مان پنهنجي رب وٽ رات گذاريان ڪيان ٿو ۽ هو مون کي کارائي ۽ پيئاري ٿو.

(بخاري،4/352، حديث:6851)

## ذڪرِ الٰهي ۾ مشغول:

الله پاڪ جي آخري نبي محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم معصوم عن الخطا (يعني هر قسم جي غلطين ۽ خطائن کان پاڪ) ۽ رب تعاليٰ جي محبوب هئڻ جي باوجود هر وقت الله جي ياد ۾ مشغول رهندا ها، سفر و حضر، خلوت وجلوت (اڪيلائي ۽ سامهون)، صحت ۽ بيماري مطلب ڪهڙا ئي حالات هجن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي ذڪر ۾ مشغول رهندا ها، جيئن بخاري شريف جي هڪ ڊگهي حديثِ پاڪ ۾ هي بہ آهي ”كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم يَذْكُرُ اللهَ عَلَى كُلِّ اَحْيَانِهٖ “نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم هر وقت الله پاڪ جو ذڪر ڪندا رهندا ها. (بخاري،1/124)

اٿندي ويهندي، هلندي ڦرندي، کائيندي پيئندي، سمهندي جاڳندي، وضو ڪندي، نئو ان ڪپڙا پائيندي، سوار ٿيندي، سواري تان لهندي، سفر ۾ ويندي، سفر تان موٽندي، بيت

الخلاء ۾ داخل ٿيندي ۽ نڪرندي، مسجد ۾ ايندي ويندي، جنگ جي وقت، انڌاري، برسات، بجلي ڪڙڪندي وقت، هر وقت هر حال ۾ دعائون وردِ زبان رهنديون هيون. خوشي ۽ غمي جي وقتن ۾، صبح صادق طلوع ٿيڻ جي وقت، سج لهڻ جي وقت، ڪڪڙ جو آواز ٻڌي، گڏھ جو آواز ٻڌي، مطلب ڪو اهڙو موقعو نہ هو جو پاڻ دعا نہ پڙهن، ڏينهن ئي ۾ نہ بلڪ رات جي سنّاٽن ۾ بہ برابر دعا خواني ۽ ذڪرِ الٰهي ۾ مشغول رهندا ها. ايستائين جو وفات مهل بہ جيڪو فقرو بار بار وردِ زَبان رهيو اهو اَللّٰهُمَّ فِي الرَّفِيقِ الْاَعْلٰى واري دعا هئي.

(بخاري،154/3،حديث: 4437، سيرت مصطفيٰ، ص598)

اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عبادت تي مدد حاصل ڪرڻ جي لاءِ الله ڪريم کان هن طرح دعا گهرندا ها: ”اَللّٰهُمَّ اَعِنِّيْ عَلٰى ذِكْرِكَ وَشُكْرِكَ وَحُسْنِ عِبَادَتِكَ“ اي ڪريم رب! تون پنهنجي ذِڪر، پنهنجي شڪر ۽ پنهنجي عبادت چڱي طرح ڪرڻ تي منهنجي مدد فرما.

(مصنف ابن ابي شيبہ،208/15،حديث:30013)

### راه خدا ۾ خرچ:

پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقات ۽ خيرات جو هي عالم هو جو پاڻ وٽ سون چاندي يا واپار جو ڪو سامان يا مال جو ڪو ڍڳ نہ رکندا ها بلڪ جيڪو ڪجھ بہ پاڻ وٽ ايندو هو سڀ الله پاڪ جي راھ ۾ مستحقين ۾ ورهائيندا هئا. پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هي پسند ئي نہ هو جو سڄي رات ڪو مال ۽ دولت ڪاشانہ نبوت ۾ رهجي. هڪ ڀيري اهڙو اتفاق ٿيو جو خراج جي رقم ايتري قدر گهڻي اچي وئي جو اها شام تائين ورهائڻ جي باوجود ختم نہ ٿي سگهي تہ پاڻ سڄي رات مسجد ئي ۾ ترسي پيا جڏهن حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اچي اها خبر ڏني تہ يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام رقم ورهائجي وئي آهي تہ پاڻ پنهنجي گهر ۾ قدم رکيائون.

(ابو داؤد،231/3،حديث:3055)

محترم قارئين! اوهان ملاحظ فرمايو تہ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻنهي جهانن جا سلطان هئڻ جي باوجود هميشہ عبادتِ الٰهي ۾ مستغرق رهندا ها، نماز کي راحت ۽ سڪون جو ذريعو سمجهندا ها، انتهائي خشوع و خضوع سان نماز ادا ڪندا ها، راتين جو اٿي نفل ادا ڪندا ها ۽ ڏينهن ۾ روزو رکندا ها، هر وقت الله جي ذڪر ۾ مشغول رهندا ها، ايتري عبادات ڪرڻ جي باوجود ويتر وڌيڪ عبادت جي توفيق لاءِ دعا گهرندا ها. يقيناً آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذوقِ عبادت اسان کي ترغيب ڏي ٿو تہ اسان بہ نماز سان محبت ڪريون، نماز جي ذريعي آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اکين کي ٿڌاڻ پهچائڻ جي ڪوشش ڪريون، آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رات جي معمولات مان ترغيب حاصل ڪندي نفل ادا ڪريون جيڪڏهن هي بہ نہ ٿي سگهي تہ ڪم از ڪم فرض تہ پابندي سان ادا ڪريون، نفلي روزن

جو اهتمام ڪريون ۽ رمضان المبارڪ جا روزا تہ هرگز نہ ڇڏيون، تلاوتِ قرآن جي سعادت حاصل ڪندا رهون ۽ رمضان المبارڪ ۾ تلاوتِ قرآن وڌ کان وڌ ڪيون، ڪوشش ڪري ذڪر الله جي لاءِ هڪ وقت مقرر ڪريون ۽ هلندي ڦرندي بہ پنهنجي زبان کي ذڪر الله سان تر رکون، آقا ڪريم صَلَّی اللہ عَلَيهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجو تمام مال صدقو فرمائيندا هئا، اسان کي بہ هن ادا مان حصو حاصل ڪندي پنهنجو وڌ کان وڌ مال الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ گهرجي. سڀ کان اهم ڳالهہ هي تہ عبادت جي توفيق ۽ ان تي استقامت لاءِ دعا ڪندو رهڻ گهرجي. الله پاڪ اسان کي آقا ڪريم صَلَّی اللہ عَلَيهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذوقِ عبادت مان گهڻو حصو نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہ عَلَيهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



# تربيت نبوي جي ثمرات جو ظهور

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي نگران مولانا محمد عمران عطّاری

ڪنهن بہ سماج (Society) جي ترقي ۽ اصلاح جي لاءِ ان جي افراد جي درست تربيت (Training) بيحد ضروري آهي ڇوتہ فرد سان سماج ٺهجي ٿو. جنهن معاشري ۾ فرد جي تربيت صحيح انداز سان نہ ٿئي تہ سماج جي اخلاقي ۽ معاشي هر اعتبار سان مجموعي ڪيفيت بدحال رهندي آهي. حضور نبي رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرب جي ڪفر و شرڪ ۽ بداخلاقي ۾ مبتلا ماڻهن جي درست تربيت فرمائي تہ الله جي ڪرم سان وڏا وڏا عظيم الشان ۽ انمول هيرا نکري سامهون آيا. پاڻ هر مناسب موقعي تي عام ماڻهن ۽ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جي تربيت فرمائيندا هئا. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ماڻهن جي مزاج و عادات ۽ نفسيات جي شناخت ۾ ڪمال حاصل هو. هر هڪ سان ان جي رتبي جي لائق سلوڪ ڪندا هئا ۽ اهڙي طريقي سان سامهون واري جي تربيت ڪندا هئا جو ڳالهہ ان جي دل کي وڻي ويندي هئي. هن مضمون ۾ اهڙا ئي ڪي واقعا لکيا ويا آهن جن ۾ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تربيت جي انداز ۽ وري تربيتِ نبوي جي ثمرات ۽ نتيجن جو بيان آهي:

**حڪمت ۽ دانائي ڀريو تربيت جو انداز:** اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم طرفان تربيت جي طريقي ۾ حڪمت ۽ دانائي هئي، جيڪڏهن ڪن ماڻهن جي ڪجهہ ڪوتاهين جي خبر کين پهچندي هئي تہ اڪثر اجتماعي طور تي ان غلط طرزِ فڪر ۽ نامناسب عمل جي اصلاح ڪندا هئا، ان جو فائدو هي ٿيندو هو جو ٻين کي بہ رهنمائي ملي ويندي هئي. جيئن تہ اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا بيان ڪن ٿيون: حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جڏهن ڪنهن جي ڪا ڳالهہ پهچندي هئي تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي نہ فرمائيندا هئا تہ فلاڻي جو ڇا معاملو آهي جو هو هي چوي ٿو، بلڪ فرمائيندا هئا: انهن ماڻهن جو ڇا حال آهي جيڪي اهڙي ڳالهہ ڪن ٿا.(1)



**رسولُ الله جي عملي تبليغ ۽ تربيت:** هڪ ڀيري سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي هٿ ۾ سون جي منڊي ڏٺائون تہ ان جي اها منڊي لاهي اڇلائي ڇڏي ۽ فرمايائون: ڇا توهان مان ڪو پنهنجي هٿ ۾ دوزخ جو ٽانڊو ڪڻڻ چاهي ٿو؟ رحمت عالم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هن تربيت جو اُن صحابي تي اهڙو اثر ٿيو جو پاڪ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وڃڻ ڪان پوءِ ان کي چيو ويو تہ پنهنجي منڊي کڻي وٺ، هن مان ٻيو نفعو ڪڍجو، پر انهن چيو: نہ! خدا جو قسم! جنهن منڊي کي الله جي رسول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اڇلائي ڇڏيو مان ڪڏهن ان کي نہ کڻندس.(2)

جيڪڏهن هو صحابي سڳورا چاهن ها تہ منڊي وڪرو ڪري ان جي قيمت مان فائدو کڻن ها يا ڪنهن ٻِي کي تحفي ۾ ڏين ها يا وري ان کي ڏين ها جنهن جي لاءِ ان کي پائڻ جائز آهي يعني پنهنجي گهر جي ڪنهن عورت کي هن جو مالڪ بڻائن ها، پر انهن اهو نہ ڪيو ڇوتہ آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي اڇلايو هو.

حضور نبي ڪريم رؤف رحيم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو سون جي منڊي کي لاهي اڇلائي ڇڏڻ سندن عملي تبليغ جو هڪ نمونو آهي، حڪيم الاُمّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هي آهي عملي تبليغ جو بُرائي کي بہ زوري روڪي ڇڏيو.(پاڪ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) فرمائن ٿا: جيڪو ڪوئي بُرائي ڏسي تہ ان کي هٿ سان روڪي، هي نہ ڪري سگهي تہ زبان سان روڪي، هي بہ نہ ٿي سگهي تہ دل سان ان کي بُرو سمجهي.(3)

**ڪوڙ ڪان بچڻ جي برڪت:** هڪ ڀيري هڪ شخص نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي چوڻ لڳو: مان اوهان تي ايمان آڻڻ چاهيان ٿو پر مون کي شراب پيئڻ، بدڪاري، چوري ۽ ڪوڙ سان مَحبَّت آهي. ماڻهن مون کي ٻڌايو آهي تہ توهان انهن شين کي حرام قرار ڏيو ٿا، مون ۾ انهن سيني شين کي ڇڏڻ جي طاقت نہ آهي. جيڪڏهن اوهان مون کي انهن مان ڪنهن هڪ ڪان منع فرمايو تہ مان اسلام قبول ڪري وٺندس. نبي مُڪرّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان ڪوڙ ڳالهائڻ ڇڏي ڏيو! ان شخص هي ڳالهہ قبول ڪئي ۽ مسلمان ٿي ويو. دربارِ رسالت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان وڃڻ ڪان بعد جڏهن ان کي ماڻهن شراب پيش ڪيو تہ ان چيائين: مان شراب پيئندس ۽ رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کان شراب پيئڻ جي باري ۾ پڇيو تہ مان جيڪڏهن ڪوڙ ڳالهائيندس تہ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ڪيل وعدي کي ٽوڙڻ وارو ٿي ويندس ۽ جيڪڏهن اقرار ڪيو تہ مون تي حد (شرعي سزا) قائم ڪئي ويندي، لهٰذا ان شراب پيئڻ ڇڏي ڏنو، اهڙي طرح بَدڪاري ۽ چوري جو معاملو پيش اچڻ مهل بہ ان کي اهو ئي خيال ايندو هو، ان ڪري هو انهن

بُرائين کان پاسو ڪندو رهيو. جڏهن بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ ان جي ٻيهر حاضري ٿي تہ چوڻ لڳو: اوهان تمام سٺو ڪم ڪيو، اوهان مون کي ڪوڙ ڳالهائڻ کان روڪيو تہ مون تي ٻين گناهن جا در پڻ بند ٿي ويا ۽ اهڙي طرح ان شخص پنهنجي سمورن گناهن کان توبہ ڪري ورتي.(4)

سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي فِراسَت مرحبا! پاڻ پنهنجي مبارڪ عَقل جي نور سان سڃاڻي ورتو تہ هي شخص ڪوڙ ڇڏڻ سبب ٻين گناهن کان پڻ بچي ويندو، ان ڪري ان کي ڪوڙ ڳالهائڻ کي ڇڏي ڏيڻ جو حڪم ارشاد فرمايو ۽ پوءِ واقعي هن تمام گناهن کان توبہ ڪري ورتي.

**کائڻ وقت اِصلاح فرمائي:** حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تربيت جو هڪ ٻيو واقعو ملاحظہ ڪريو تہ پاڻ ڪهڙي حڪمتِ عملي ۽ ڪيتري پياري انداز سان غلطي جي اِصلاح فرمائي، اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتُنا اُمِّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہا جي پٽ حضرت عُمَر بن ابو سَلَمَہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما بيان ڪن ٿا: مان نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پرورش ۾ هئس، منهنجو هٿ (ماني کائڻ مهل) پيالي ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمي رهيو هو. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: يَا غُلَامُ سَمِّ اللّٰهَ وَكُلْ بِيَمِيْنِكَ وَكُلْ مِمَّا يَلِيْكَ يعني پٽ! الله جو نالو وٺو (بسم الله پڙهو)، سڄي هٿ سان کائو ۽ پنهنجي ويجهو کان کائو.(حضرت عمر بن ابو سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما فرمائن ٿا:) هن کان بعد مان هميشہ اهڙي طريقي سان کائيندو رهيس.(5) قربان وڃجي! رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تربيت جي سهڻي انداز تي! ڪيتري پيار ڀري ۽ مثبت (Positive) انداز ۾ پنهنجي گفتگو شروع فرمائي، پاڻ پهريان کائڻ جا آداب بيان فرمايا تہ جيئن انهن کي هي محسوس نہ ٿئي تہ مون کي ٽوڪيو پيو وڃي ۽ آخر ۾ هي ادب بہ ٻڌايو تہ ٿانوءِ ۾ پنهنجي ويجهو کان کائڻ گهرجي ۽ غلطي جي اِصلاح هن انداز سان فرمائي جو جڻ آخري ڳالھ بہ ٻين هدايتن جيان هڪ هدايت آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان صحيح انداز سان تربيت ڪرڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي رحمت عالَم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيرت جو مُطالعو ڪرڻو پوندو تہ ڪهڙي طرح پاڻ ماڻهن جي مِزاج ۽ نفسيات جو لحاظ رکي حڪمتِ عملي سان ماڻهن جي تربيت فرمائيندا هئا. تفسيرِ عزيزي ۾ آهي: عقل جا 100 حصا آهن جنهن مان 99 حصّا نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي عطا ٿيا ۽ جيڪو شخص نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو عَقل معلوم ڪرڻ چاهي، ان کي گهرجي تہ سيرت جي ڪتابن جو گهري نظر سان مطالعو ڪري.(6)

منهنجي تمام عاشقانِ رسول سان فرياد آهي تہ توهان عملي زندگي جي چاهي ڪهڙي بہ طبقي سان تعلق رکو ٿا جيڪڏهن پنهنجي

۽ پنهنجي متعلقين جي صحيح انداز سان تربيت ڪرڻ چاهيو ٿا تہ رسولِ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت جو مطالعو ڪريو، هن سان اوهان کي معلوم ٿيندو تہ رسولِ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪهڙي طرح ماڻهن جي مزاج ۽ نفسيات جو لحاظ رکي حڪمتِ عملي سان ماڻهن جي تربيت فرمائيندا هئا. معاشري جي افراد جي تربيت ۾ پنهنجو حصو ملايو ۽ ان جي لاءِ حڪمتِ عملي ۽ انفرادي ڪوشش کي اپنايو.

الله پاڪ اسان کي پنهنجي اصلاح سان گڏوگڏ شريعت جي مطابق حڪمتِ عملي اپنائيندي ٻين جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

(1)ابو داؤد،328/4،حديث:4788

(2)مسلم،ص891،حديث:2090

(3)مرأة المناجيح، 6 / 129

(4)تفسيرِ ڪبير،پ11،التوبة،تحت الآية:119، 167/6

(5)بخارى، 521/3، حديث:5376

(6)تفسير عزيزى مترجم،61/3۔





# آخري نبي صلی اللہ علیہ وسلم جا پيارا صحابي سڳورا

راشد علي عطّاري

تعلق، رشتو، نسبت هي لفظ توڙي جو جدا جدا آهن پر انهن جي جي معني، مفهوم ۽ مطلب هڪ ٻئي جي ويجهو ويجهو آهي، هي لفظ اهڙي مفهوم تي مشتمل آهن جو هن دنيا ۾ هر ڪنهن کي هنن سان واسطو پوي ٿو، هر ڪو ڪنهن ٻي کان ڪنهن نه ڪنهن طرح جو رشتو، تعلق ۽ نسبت رکي ٿو، ڪو استاد آهي ته ڪو شاگرد، ڪو ڀاءُ آهي ته ڪو دوست، ڪو مرشِد آهي ته ڪو مريد، مطلب هر ڪو ڪنهن نه ڪنهن نسبت ۽ تعلق سان جڙيل هوندو آهي.

جڏهن لفظ "صحابي" زبان مان نڪرندو آهي يا ڪنن ۾ ٻڌڻ ايندو آهي يا ڪٿي لکيل نظر ايندو آهي ته هڪدم هڪ رشتي ۽ نسبت جو تصور تصديق کان به وڌيڪ تيقن (يعني يقين) سان ذهن ۾ اچي ٿو "حضور خاتمُ النّبيين محمدِ مصطفيٰ صلّي الله عليه واٰله وسلّم تي ايمان آڻڻ وارا اهي خوش نصيب جن سندن صحبت ماڻي، چاهي هڪ گهڙي جي لاءِ ئي سهي"

جي ها! هي هڪ تعلق آهي جيڪو ذهن ۾ ايندي ئي زبان "رضي الله عنہ" چوڻ جي لاءِ تيار آهي، دل، دماغ، محبت، عشق، وفا، ايماني جذبي ۽ جان نثاري جهڙي ڪيفيتن سان ٽمٽار ٿي ويندي آهي.

هن تعلق ۽ نسبت جو ادب ڪرڻ، پنهنجي ايندڙ نسلن کي هن نسبت جي ادب ۽ تعظيم جي تعليم ڏيڻ، هن نسبت وارن نفوس قدسيہ صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم سان محبت ۽ وفاداري جو درس ڏيڻ، انهن جي خلاف هڪ لفظ به ڳالهائڻ وارن سان تعلق بلڪل ختم ڪرڻ ۽ انهن جي غليظ ۽ نجس سائي کان به پاڻ کي بچائڻ "امّتي" نسبت جي اهم ترين تقاضا آهي.

اسان الله ڪريم ۽ ان جي پياري ۽ آخري نبي محمدِ عربي صلّي الله عليه واٰله وسلّم تي ايمان آڻڻ سان مسلمان ٿيا آهيون جڏهن ته ايمان جي اها دولت، اسلام جي نسبت ۽ قراٰن جي نعمت انهي نفوسِ قدسيہ صحابہ

ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم جي وسيلي سان اسان تائين پهتي آهي.

هي عظيم جماعت اهڙين اهڙين فضيلتن، خصوصيتن ۽ خصائل ۽ شمائل جي مالڪ آهي جو قرآني آيتون اُنهن جي گُفتار ۽ ڪردار تي صادق آهن ۽ حديث سڳوريون سندن شان و عظمت بيان ڪن ٿيون.

هي اهو عظيم گروه آهي جو جنهن جي باري ۾ چئون ته وَكُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰىؕ (1) فرمائي اُنهن جي قطعي جنّتي هئڻ جو اعلان فرمايو ويو آهي جو ڪٿي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُؕ (2) فرمائي الله ڪريم جي انهن سان قطعي رضا ۽ "**هر صحابي نبي جنّتي جنّتي**" جي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي.

جڏهن رسولِ مڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دشمن جو معاملو ايندو آهي ته هن پاڪ هستين کي بارگاهِ الٰهي مان "اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ" جو لقب مليو ۽ جڏهن باهمي تعلقات جي ڳالهه اچي ٿي ته "رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ" جي مختصر جملي ۾ صحابي

۽ اهلِ بيت جي سيرت کي بيان ڪيو ويندو آهي.

هي نسبتِ نبوي رکڻ وارا خوش نصيب آهن جو جن جا وصف الله ڪريم انهن جي پيدا ٿيڻ کان به پهريان تورات ۽ انجيل ۾ ذڪر ڪيا، الله ربُّ العزّت انهن جي لاءِ باغ تيار ڪري رکيا آهن، جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون، هميشه هميشه ان ۾ رهندا. (پ11، التوبۃ:100) انهن جي ايمان کي سڄي ڪائنات جي لاءِ هڪ معيار قرار ڏنو ويو ۽ هدايت کي انهن جيان ايمان آڻڻ جيان قرار ڏنو ويو. (پ1، البقرۃ:137) قرآنِ ڪريم ان جي بخشش، عزّت جي روزي ۽ ايمان جي سچائي جون شاهديون ڏي ٿو. (پ10،الانفال:74)

صحابي سڳورن عليهمُ الرّضوان کي هي جيڪو مقام ۽ عظمت ۽ شان و رفعت عطا ٿي آهي، هن جو سبب عطاءِ الٰهي سان گڏوگڏ انهن جون وفاداريون ۽ جان نثاريون پڻ آهن. اڄ 14صديون گذري ويون، ان جي باوجود قرآنِ ڪريم هڪ حرف جي به تبديلي جي بغير اسان وٽ موجود آهي، هي مبارڪ ڪتاب صحابي سڳورن عليهمُ الرّضوان ئي ڪتابي صورت ۾ جمع ڪري اسان تائين پهچايو آهي. وفاداري ۽ سچي محبّت بابت حقيقي مثال ڏسڻو هجي ته صحابہ ڪرام عليهمُ الرّضوان جي زندگاني جو مطالعو ڪريون، محبوبِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي جان قربان ڪرڻ جا داستان ڄاڻڻ چاهيون ٿا ته

---

(1)ترجَمۂ کنزُالایمان: اور ان سب سے اللہ جنت کا وعدہ فرماچکا۔ (پ27،الحدید:10)

(2)ترجَمۂ کنزُالایمان: اللہ ان سے راضی اور وہ اس سے راضی۔ (پ30،البینہ:8)

سيرتِ صحابہ پڙهون، اچ اسان ڪي نظر ايندڙ اسلام جو تناور درخت ڪيئن ننيڙي ٻوٽي کان وڌيو، هن جو تصور ڪرڻو هجي تہ صحابي سڳورن جي محنتن جي باري ۾ پڙهون.

صحابي سڳورن جي عنوان سان هتي ڪجهہ اهم ڳالهيون آهن، جن جي باري ۾ هر مسلمان کي ڄاڻ گهرجي، مثال طور:

(1) صحابي ڪنهن کي چئبو آهي؟ (2) ڇا جنن ۾ بہ صحابي آهن؟ (3) ڇا ملائڪن ۾ بہ صحابي آهن؟ (4) ڇا وصالِ ظاهري کان بعد زيارت ڪرڻ وارا صحابي آهن؟ (5) صحابہ سڳورن جو تعداد ڪيترو آهي؟ (6) صحابہ ڪرام جا طبقات؟ (7) صحابہ ڪرام جي فضيلت ۽ مقام ۾ ترتيب ڪيئن آهي؟ (8) سڀ کان پهريان صحابي ڪهڙا آهن؟ (9) آخري وصال وارا سڀ کان آخري صحابي ڪير آهن؟ (10) سيرتِ صحابہ جي باري ۾ ڄاڻڻ جي لاءِ ڪهڙن ڪتابن جو مطالعو ڪريون؟ وغيره

## صحابي ڇا کي چئبو آهي؟

رسولِ ڪريم صلّي الله عليہ واٰلہٖ وسلّم جي صحبت ماڻڻ يا ڪين ڏسڻ وارن کي صحابي چئبو آهي پر هن ۾ هي شرط آهي تہ صحبت ۽ زيارت رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري حياتِ مبارڪ ۾ ڪئي هجي، ڏسڻ ۽ صحبت ماڻڻ وارو مسلمان هجي ۽ اسلام تي ئي دنيا مان لاڏاڻو ٿيو هجي. علما و محدّثينِ عظام صحابي جون ڪيئي تعريفون بيان ڪيون آهن جن مان جمهور محدّثين ۽ فقهاء جي نزديڪ معتبر ومستند تعريف شارح بخاري حافظ اِبنِ حجر عسقلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بيان ڪئي آهي: اَلصَّحَابِي مَنْ لَقِيَ النَّبِي صلّي الله عَلَيه وَسلّم مُؤْمِنًا بِہٖ، ثُمَّ مَاتَ عَلَى الْاِسْلَام يعني جن خوش نصيبن ايمان جي حالت ۾ الله ڪريم جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ملاقات ڪئي هجي ۽ اِيمان ئي تي انهن جو وصال ٿيو هجي، انهن خوش نصيبن کي ”صحابي“ چئبو آهي. (نخبة الفکر، ص111)

خطيبِ بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا تہ امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايائون: كُلُّ مَنْ صَحِبَهُ سَنَةً اَوْ شَهْرًا اَوْ يَوْمًا اَوْ سَاعَةً اَوْ رَآهُ فَهُوَ مِنْ اَصْحَابِهٖ يعني هر اهو (مسلمان) جنهن رسولِ ڪريم صلّي الله عليہ واٰلہٖ وسلّم جي صحبت ماڻي چاهي سال لاءِ، مهيني لاءِ، هڪ ڏينهن يا هڪ گهڙي لاءِ يا جنهن پاڻ صلّي الله عليہ واٰلہٖ وسلّم جي زيارت ڪئي هو پاڻ جي صحابين مان آهي. (الكفاية في علم الرواية، ص51)

## ڇا جنّن ۾ بہ صحابي آهن؟

واضح رهي تہ جنن ۾ بہ صحابي سڳورا هئا، جن رسولِ ڪريم صلّي الله عليہ واٰلہٖ وسلّم جي ظاهري حياتِ مبارڪ ۾ اسلام قبول ڪيو ۽ سندن جي صحبت پڻ ماڻي، جيئن تہ جن بہ شريعت جا پابند آهن ۽ رسولِ ڪريم صلّي الله عليہ واٰلہٖ وسلّم انهن ڏانهن پڻ رسول بڻجي تشريف فرما ٿيا، قرآنِ ڪريم جي سورة جنّ ۾ جنّات جي بارگاهہ نبوي ۾ حاضر ٿيڻ ۽ ايمان آڻڻ

جو ذڪر موجود آهي. جنّ بہ صحابي رسول ٿيا آهن، شارحِ بخاري علامہ ابنِ حجر عسقلاني رَحمَۃُ اللہِ علیہ هن ڳالھ جي صراحت فرمائي آهي ۽ مزيد فرمائن ٿا تہ رسولُ اللہ صلّی اللہ عليہ والہٖ وسلّم جي حياتِ مبارڪ ۾ ايمان آڻڻ ۽ صحبت ماڻڻ واري جنهن جنّ جو نام معلوم هجي ان جو نالو صحابہ ۾ ذڪر ڪرڻ ۾ ڪوئي تَرَدُّد نہ هئڻ گهرجي. (فتح الباري، 4/7)

سيرت ۽ تراجم جي ڪتابن ۾ انهن صحابي سڳورن عليهمُ الرّضوان جا نالاء ٻڌائو پڻ مذڪور آهن جيڪي قومِ جنّات مان هئا، انهن جي تعداد ۽ نالن جي حوالي سان مختلف قول آهن، بعض 7 ۽ بعض 9 تعداد بيان ڪيو آهي جڏهن تہ حضرت عبد اللہ بن عباس رضي اللہ عنهما جي هڪ روايت ۾ آهي تہ جزيره موصل کان 12 هزار جنّ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، مختلف روايتن مان مجموعي طور تي ڪجھ نالا هي آهن: حِسّاً، نَسَا، شاصِر، ماضِر، اَدْرَس، وَرْدان، اَحْقَب، مُنَشَّي، ناشِي، عَمْرو، زَوْبَعَة، سُرَّق، زلعب، رضی اللہ عنہم. (فتح الباري، 674/8، الاصابہ، 468/2-286/3)

## چا ملائڪن ۾ بہ صحابي آهن؟

ملائڪن جو صحابہ ۾ شمار ٿيڻ يا نہ ٿيڻ هن ڳالھ تي موقوف آهي تہ چا رسولِ ڪريم صلّی اللہ عليہ والہٖ وسلّم ملائڪن ڏانهن رسول ٻڻائي موڪليا ويا يا نہ. (فتح الباري، 4/7) هن سان اهو سمجھ اچي ٿو تہ رسولِ ڪريم صلّی اللہ عليہ والہٖ وسلّم سان نسبتِ صحابيت جو اعتبار هن مخلوق جو ڪيو ويندو جنهن ڏانهن پاڻ صلّی اللہ عليہ والہٖ وسلّم شريعت جا احڪام کڻي آيا ۽ جيڪي شريعتِ اسلاميہ جا مڪلّف قرار ڏنا ويا، جيئن تہ جنّ ۽ انسان جي مڪلّف هئڻ جو قراٰنِ ڪريم ۾ بيان آهي تہ شرفِ صحابيت بہ انهي ۾ رکيو ويو، پر محققن جي تحقيق هي آهي تہ رسولِ ڪريم صلّی اللہ عليہ والہٖ وسلّم جميع ڪائنات جا رسول آهن، پاڻ صلّی اللہ عليہ والہٖ وسلّم جي رسالت ساري ڪائنات جي لاءِ آهي.

## چا ظاهري وصال کان بعد زيارت ڪرڻ وارا صحابي آهن؟

شرفِ صحابيت جي لاءِ شرط آهي جو رسولِ ڪريم صلّی اللہ عليہ والہٖ وسلّم جي حياتِ ظاهري يعني دنيوي حيات ۾ زيارت ۽ صحبت ماڻي هجي، جيڪڏهن ڪنهن پياري مصطفیٰ صلّی اللہ عليہ والہٖ وسلّم جي پردو فرمائڻ کان بعد ۽ تدفين کان پهريان جسمِ مبارڪ جي زيارت ڪئي تہ راجح قول هي آهي جو اهو صحابي نہ آهي، جيڪڏهن ان کي صحابي شمار ڪيو وڃي تہ پوءِ اڄ جي دور ۾ بہ جيڪڏهن ڪنهن کي جسمِ اطهر مبارڪ قبر ۾ ڏسڻ جو اتفاق ٿيو يا ڪنهن ولي بطورِ ڪرامت ۽ ڪشف جي جسمِ اطهر ڏٺو تہ هو بہ صحابي سمجهيو ويندو، جڏهن تہ هيئن نہ آهي، جيڪڏهن ڪو چوي تہ رسولِ ڪريم صلّی اللہ عليہ والہٖ وسلّم تہ هاڻ بہ حيات آهن تہ توڙي جو

ڪريم آقا حيات آهن،زنده آهن پر اها دنيوي حياتي نہ آهي، اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن خواب ۾ بہ زيارت جو شرف ماڻيو تہ هو بہ صحابي شمار نہ ٿيندو.

(فتح الباري، 4/7)

## صحابي سڳورن جو تعداد ڪيترو آهي؟

صحابي سڳورن عليهمُ الرّضوان جي تعداد جي باري ۾ ڪا متفق ۽ معين ڳڻپ مروي نہ آهي، مختلف اقوال ۾ هڪ لک کان وڌيڪ تعداد بيان ٿيو آهي، البتہ هن باب ۾ سڀ کان مشهور قول ابوزرعہ رازي جو آهي تہ رسولِ ڪريم صلّي الله عليہ وآلہٖ وسلّم جي دنيا مان پردو فرمائڻ مهل صحابہ ڪرام عليهمُ الرّضوان جو تعداد هڪ لک 14 هزار کان وڌيڪ هو.

(تدريب الراوي في شرح تقريب النووي، جزء 2، 675)

جڏهن تہ امامِ اهلِ سنّت، محدّثِ بريلي، امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا:

حِجَّةُ الْوَدَاع (يعني رسولُ الله صلّی اللہ علیہ وآلہ وسلّم جي آخري حج مبارڪ) ۾ هڪ لک چويهہ هزار صحابي موجود هئا. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ،ص400)

## صحابي سڳورن جا طبقات

قبولِ اسلام، هجرت، غزوات و سرايا ۾ شرڪت ۽ ٻين اهم موقعن ۽ معاملات جي لحاظ کان صحابہ ڪرام کي ڪجهہ طبقات ۾ ورهايو ويو آهي، طبقات ابن سعد ۾ 5 طبقات ذڪر ڪيا ويا آهن، جڏهن تہ امام حاڪم رحمۃ اللہ علیہ 12 طبقات ٻڌايا آهن:

(1) مڪي پاڪ ۾ اسلام قبول ڪرڻ وارا (2) دارُالنّدوه وارا (3) حبشہ ڏانهن هجرت ڪندڙ (4) اصحابِ بيعتِ عقبہ اوليٰ (5)اصحابِ بيعت عقبہ ثانيہ (6) رسولُ الله صلّي الله عليہ وآلہٖ وسلّم جي مدينہ اچڻ کان پهريان هجرت ڪري پاڻ سان ملڻ وارا (7) اهلِ بدر (8)غزوه بدر ۽ صلح حديبيہ واري وچين عرصي ۾ هجرت ڪرڻ وارا (9) بيعتِ رضوان ۾ شريڪ ٿيندڙ (10) صلح حديبيہ ۽ فتح مڪہ جي وچين عرصي ۾ هجرت ڪرڻ وارا (11) فتح مڪہ جي موقعي تي اسلام قبول ڪرڻ وارا (12) ا هي ٻار جن فتحِ مڪہ يا حجة الوداع جي موقعي تي پاڻ سڳورن صلّي الله عليہ وآلہٖ وسلّم جي زيارت ڪئي.

(تدريب الراوي في شرح تقريب النووي، جزء 2، 681)

## صحابہ ڪرام جي فضيلت ۽ مقام ۾ ترتيب ڪيئن آهي؟

صحابي سڳورن رضی اللہ عنہم جي ٻين سان فضيلت ۽ رتبي بابت تفصيل جو خلاصو شيخِ طريقت اميرِ اهلِ سنّت علامہ محمد الياس عطارقادري دامت برکاتہم العالیہ ڪجهہ هيئن بيان فرمايو آهي: اَنبيا ۽ و مرسلين کان بعد، تمام مخلوقاتِ الٰهي اِنس و جن و مَلڪ (يعني انسان، جن ۽ ملائڪن) کان اَفضل صدِّيقِ اڪبر آهن، پوءِ عمر فاروقِ اعظم، پوءِ عثمانِ غني، پوءِ موليٰ علي پوءِ باقي عشره

مُبشَّره ۽ حضراتِ حسنين و اصحابِ بدر و اصحابِ بَيعةُ الرّضوان رضی اللہ عنہم جي لاءِ اَفضليت آهي ۽ هي سيئي قطعي جنتي آهن.

(بهارِشريعت، 241،249/1 بتغير قليل) عبارت ۾ ملائڪن مان مراد عام ملائڪ آهن، چوته صحابہَ ڪرام رضی اللہ عنہم تمام ملائڪن ڪان افضل نہ آهن بلڪ ملائڪن ۾ سڀ ڪان اعليٰ درجي وارا ملائڪ جن کي "ملائڪ مقربين" چيو ويندو آهي، جن ۾ عرش کڻڻ وار ۽ "رسول ملائڪ" جيئن جبرئيل، ميڪائيل، اسرافيل ۽ عزرائيل علیہ السلام داخل آهن، هي ملائڪ تمام صحابي سڀِني ڪان افضل آهن. (هر صحابي نبي جنتي جنتي، ص3)

## سڀ ڪان پهريون صحابي ڪير هو؟

سڀ ڪان پهريان اسلام ڪنهن قبول ڪيو ۽ رسولِ ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلم جو پهريون صحابي ٿيڻ جو شرف ماڻيو، هن ۾ مختلف قول آهن، هن جي باري ۾ صدرالافاضل مفتي سيد محمد نعيم الدّين مرادآبادي، امام سيوطي رحمہما اللہ جي حوالي سان لکن ٿا:

توڙي جو صَحابہ ڪرام ۽ تابعين وغيرهم اسان جي ڪثير جماعتن هن تي زور ڏنو آهي تہ "صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ" سڀ ڪان پهريان مومن آهن. پر بعض حضرات هي بہ فرمايو تہ سڀ ڪان پهريان مومن "حضرت علي رضی اللہ عنہ" آهن. بعض هي چيو تہ "حضرت خديجہ رضی اللہ عنہا"سڀ ڪان پهريان ايمان جو شرف ماڻيو هو. هنن قولن ۾ امامُ الْاَئِمّہ، سراجُ الْاُمَّہ، سيدنا امامِ اعظم ابوحنيفہ رحمۃُ اللہِ علیہ هن طرح تَطبِيق ڏني تہ مَردن ۾ سڀ ڪان پهريان حضرت ابوبڪر ايمان جو شرف ماڻيو ۽ عورتن ۾ حضرت اُمُّ المؤمنين خديجہ ۽ ننڍي عمر وارن ۾ حضرت علي رضی اللہ عنہم.

(تاريخ الخلفاء،ص26)

## سڀ ڪان آخري وصال ڪندڙ صحابي ڪير آهي؟

صحابہ ڪرام مان روءِ زمين تي سڀ ڪان آخر ۾ وصال ڪندڙ حضرت سيدنا ابوالطفيل عامر بن واثلہ رضی اللہ عنہ آهن، پاڻ رسولِ ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلم جي مبارڪ زندگي مان 8 سالن جو عرصو ڏٺائون، پاڻ جو وصال 102هجري ۾ مڪي پاڪ ۾ ٿيو، سندن ڪان پوءِ صحابي سڀِني جو دور مڪمل ٿي ويو.

(مرقاة المفاتيح، 675/7، تحت الحديث:4070)

بدري صحابين ۾ سڀ ڪان آخر ۾ وصال ڪندڙ حضرت سَيدُنا ابواُسيد مالڪ بن ربيعہ سَاعِدِي اَنصاري رضی اللہ عنہ آهن، سندن وصال 60 هجري ۾ ٿيو، سندن وفات ڪان پوءِ بدري صحابہ جو سلسلو ختم ٿي ويو، پاڻ تمام غزوات ۾ حضور نبي ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلم سان گڏ شريڪ رهيا.

(مرقاة المفاتيح، 492/7، تحت الحديث:3946)

مديني شريف ۾ تمام صحابہ ڪان آخر ۾ وصال ڪندڙ صحابي جي باري ۾ مرقاة

المفاتيح ۾ حضرت سَيدنا سهل بن سعد ۽ حضرت سَيدنا جابر بن عبدالله رضی اللہ عنہما جو ذکر آهي پر حضرت جابر بن عبدالله رضی اللہ عنہ جو وصال 74ھ ۾ ٿيو آهي. (مرقاة المفاتيح، 202/1، تحت الحديث:38) جڏهن ته حضرت سهل بن سعد رضی اللہ عنہ جو وصال 91ھ ۾ ٿيو هو، جنهن مان هي سمجهه اچي ٿو ته مديني پاڪ ۾ سڀ کان آخري صحابي حضرت سهل بن سعد ئي آهن.

(مرقاة المفاتيح، 268/1، تحت الحديث:83)

ملڪِ شام جي شهر حمص ۾ وصال ڪندڙ آخري صحابي جي طور تي ٻه 3 نالن جو ذڪر ملي ٿو، البته سن هجري جي فرق مان سمجهي سگهجي ٿو ته آخري ڪير هئا، ملڪ شام جي شهر حمص ۾ سڀ کان آخر ۾ وصال ڪندڙ صحابي حضرت سيدنا عبدالله بن بسرمازني رضی اللہ عنہ آهن، پاڻ 88 هجري ۾ وضو ڪندي اوچتو وصال ڪري ويا. (مرقاة المفاتيح، 80/8، تحت الحديث:4251) سندن علاوه حضرت سَيدنا ابو امامہ صُدَي بن عجلان باهلِي رضی اللہ عنہ جو تذڪرو ملي ٿو جڏهن ته سندن وصال 81 يا 86هجري ۾ ٿيو. (تاريخ ابن عساڪر ، 24 / 75) ۾ ٿيون حضرت سَيدنا عُتبہ رضی اللہ عنہ، جن جو نالو عَتَلہ هو ۽ حضورِ انور رضی اللہ عنہ عتبہ نالو رکيو، سندن وصال 87هجري ۾ ٿيو. (مرقاة المفاتيح، 420/6، تحت الحديث:3859)

ڪوفہ ۾ وصال ڪندڙ آخري صحابي حضرت سَيدنا عبدالله بن ابي اوفيٰ رضی اللہ عنہ آهن. (طبقاتِ ابن سعد،99/6)

بصره ۾ وصال ڪندڙ آخري صحابي 10سالن تائين حضور نبي ڪريم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي خدمت ۾ رهڻ وارا حضرت سَيدنا انس بن مالڪ رضی اللہ عنہ آهن. سندن وصال 91هجري ۾ 103سال جي عمر ۾ ٿيو.

(مرقاة المفاتيح، 207/3، تحت الحديث:1129)

ملڪ شام جي شهر دمشق ۾ وصال ڪندڙ آخري صحابي حضرت سَيدنا واثلہ بن اسقع رضی اللہ عنہ آهن، تي سال حضورِ انور صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي خدمت ۾ رهيا. (مراة المناجيح،278/4) سندن وصال85 يا 83 هجري ۾ ٿيو. (طبقات ابن سعد،286/7)

مصر ۾ وصال ڪندڙ آخري صحابي حضرت عبدالله ابنِ حارث ابن جزء رضی اللہ عنہ آهن، 80 هجري ۾ سندن وفات کان پوءِ مصر صحابي سڳورن کان خالي ٿي ويو. (مراة المناجيح،82/4)

## سيرتِ صحابہ جي باري ۾ ڄاڻ جي لاءِ ڪهڙن ڪتابن جو مطالعو ڪريون؟

علماءِ ڪرام ۽ محدّثين عظام صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم جي مبارڪ سيرت ۽ ديني خدمتن تي سوين مختصر ۽ ٿلها ڪتاب لکيا آهن.

صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم جي تذڪره ۽ سيرت جو آغاز محدّثين عظام کان ئي نہ

بلڪ ان کان پهريان ٿي چڪو هو، تورات و انجيل ۾ به اصحابِ سرورِ ڪائنات جي اوصاف و ڪمالات جو ذڪر آيو آهي جڏهن ته رحمت عالم محمد رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَالِهِ وَسَلَّم جي دنيا ۾ جلوه گر ٿيڻ کان بعد پهريان ته قرآنِ ڪريم ۾ ذڪر آيو، ٻيو رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَالِهِ وَسَلَّم خود پنهنجي مبارڪ زبان مان ارشاد فرمايو، هن کان پوءِ تدوينِ حديث سان گڏوگڏ ئي تدوينِ سيرتِ صحابه جو به آغاز ٿي ويو هو. هيئنئر تائين سيرت ۽ تعارفِ صحابه تي سوين ضمني ۽ مستقل ڪتاب لکيا ويا آهن، انهن مان ڪجهه اولين ۽ عربي ڪتابن جو مختصر تعارف هي پيش ڪجي ٿو.

**الطَّبقاتُ الْکُبریٰ:** اهو ڪتاب مستطاب ابو عبد الله محمد بن سعد بن منيع البصري معروف به ابن سعد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيه (وفات: 230ه) جو آهي. هن جي پهرين ٻن جلدن ۾ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَالِهِ وَسَلَّم جي سيرتِ مبارڪ آهي جڏهن ته ٽئين جلد کان صحابي سڳورن جو تذڪرو آهي. پاڻ ڪتاب کي طبقات جي لحاظ کان ترتيب ڏنو آهي، ۽ تابعين جو به ذڪر ڪيو آهي جڏهن ته آخري جلد ۾ صحابيات جو ذڪر پڻ آهي. هي ڪتاب پنهنجي موضوع تي نهايت عُمده ۽ بهترين ڪتاب آهي.

**اَلِاسْتِيعَاب فِی مَعْرِفَةِ الْاَصْحَاب:** هي حضرت سَيدنا ابوعمر يوسف بن عبدالله بن محمد بن عبدالبر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيه (وفات: 463ه) جو لکيل آهي. پاڻ ڪوشش ڪئي آهي ته اڳوڻن ڪتابن ۾ جن جن صحابه ڪرام جو تذڪرو ملي ويندو آهي ۽ ٻين ڪتابن ۾ شامل نه رهيو انهن سڀني کي به پنهنجي هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪن، ان ڪري هن جو نالو به ”الاستيعاب“ رکيائون، البته پوءِ به بعض صحابه ڪرام جو تعارف هن ۾ رهجي ويو آهي. هن ڪتاب ۾ 3500صحابه ۽ صحابيات جو تذڪرو آهي، ڪتاب 4 حصن ۾ ورهايل آهي، اسماءِ صحابه، ڪنيتِ صحابه، اسماءِ صحابيات، ڪنيتِ صحابيات. علامه ابنِ عبد البر هر حصي کي حروفِ تهجي (ا،ب،ت) جي حساب سان ترتيب ڏنو آهي.

**أُسْدُ الْغَابَة فِی مَعْرِفَةِ الصَّحَابَة:** هي ڪتاب مشهور مؤرخ حضرت علامه عز الدين ابو حسن علي بن محمد بن محمد معروف به علامه ابنِ اثير الجزري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيه (وفات:630ه) جو لکيل آهي. هن ڪتاب جي ترتيب به حروفِ تهجي جي حساب سان آهي، علامه ابنِ اثير هن ترتيب جو ايتري قدر اهتمام ڪيو آهي جو ابن ڏاڏن جي نالن ۾ به حروف تهجي جو لحاظ برقرار رکيو آهي. هن ۾ 7هزار کان وڌيڪ صحابين جو تذڪرو آهي.

**اَلْاِصَابَة فِی تَمْيِيزِ الصَّحَابَة:** هي مبارڪ ڪتاب حافظ شهاب الدين احمد بن علي بن محمد بن احمد بن علي عسقلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيه (وفات:852ه) جو آهي. پاڻ صحابه ڪرام جو

تذکرو اسد الغابہ جي ترتيب تي کيو آهي.يعني پهريان صحابہ کرام نالن جي لحاظ کان، پوءِ معروف ڪنيت جي لحاظ کان، ان کان بعد آخري جلد ۾ صحابيات ۽ آخر ۾ ڪنيت جي لحاظ کان معروف صحابيات جو ذکر آهي.

هنن جي علاوه بہ سيرتِ صحابہ تي ڪوڙ وڏا ڪتاب لکيا ويا آهن، جڏهن تہ سوين بين ڪتابن ۾ پڻ صحابي سڳورن جو تذکرو ملي وڃي ٿو.

## صحابہ ڪرام جو تذکرو ۽ دعوتِ اسلامي

دعوتِ اسلامي جي علمي ۽ تحقيقي اداري "المدينة العلميہ (اسلامک ريسرچ سينٽر)" پاران بہ صحابي سڳورن عليهم الرضوان جي سيرت ۽ شان و عظمت تي ڪافي سارا ڪتاب ۽ رسالا پڻ شائع ٿيا آهن، انهن جي فهرست هيٺ ڏنل آهي:

| | | |
|---|---|---|
| (1) | فيضانِ صديقِ اڪبر | 735 |
| (2) | شانِ صديقِ اڪبر | 17 |
| (3) | عاشقِ اڪبر | 64 |
| (4) | اقوالِ صديقِ اڪبر رضي الله عنه | 17 |
| (5) | فيضانِ فاروقِ اعظم (2جلدين) | 1720 |
| (6) | ڪراماتِ فاروقِ اعظم | 48 |
| (7) | ڪراماتِ عثمانِ غني | 32 |
| (8) | حضرتِ عثمان به جنتي جنتي | 17 |
| (9) | ڪراماتِ شيرِخدا | 98 |
| (10) | مولاعلي جا 72 ارشادات | 17 |
| (11) | خلفاءِ راشدين | 339 |
| (12) | حضرت سَيدُناابو عبيده بن جراح | 60 |
| (13) | حضرت سَيدُنا زبير بن عوام | 72 |
| (14) | فيضانِ سعيد بن زيد | 46 |
| (15) | حضرتِ سَيدُنا سعد بن ابي وقاص | 89 |
| (16) | حضرتِ سَيدُنا عبدالرّحمٰن بن عوف | 128 |
| (17) | حضرتِ سَيدُنا طلحه بن عبيد الله | 56 |
| (18) | فيضانِ حضرت عبد الله بن زبير | 17 |
| (19) | فيضانِ اميرمعاويه | 288 |
| (20) | سيرتِ سَيدنا ابو درداء | 75 |
| (21) | صحابه ڪرام جو عشقِ رسول | 274 |
| (22) | صحابي جي انفرادي ڪوشش | 124 |
| (23) | هر صحابي نبي جنّتي جنّتي | 24 |

| | | |
|---|---|---|
| (24) | فيضانِ خديجة الڪبريٰ | 84 |
| (25) | فيضانِ عائشه صديقه | 608 |
| (26) | فيضانِ امهاتُ المؤمنين | 367 |
| (27) | اُمهات المؤمنين | 59 |
| (28) | شانِ خاتونِ جنت | 501 |
| (29) | آقا جا شهزادا ۽ شهزاديون | 137 |
| (30) | امام حسن جون 30 حڪايتون | 28 |
| (31) | امام حسين جون ڪرامتون | 64 |
| (32) | امام حسين جون فضيلتون | 17 |
| (33) | امام حسين جا واقعا | 17 |
| (34) | حسيني گهوٽ | 16 |
| (35) | ڪربلا جو خوني منظر | 40 |
| (36) | سوانح ڪربلا | 192 |
| (37) | آئينَهٔ قيامت | 108 |
| (38) | فيضانِ امام جعفر صادق رحمة الله عليه | 21 |
| (39) | ساداتِ ڪرام جي عظمت (مدني مذاڪره قسط13) | 30 |
| (40) | فيضانِ اهلِ بيت | 37 |

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! تعاليٰ صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم جي تذڪره ۽ سيرت تي دعوتِ اسلامي جي 7 زبانن ۾ شائع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين ”ماهنامہ فيضانِ مدينہ“ ۾ بہ مضمون شامل هوندا آهن.

الله ڪريم اسان کي هن پاڪ هستين جي سيرت جو مطالعو ڪرڻ ۽ پنهنجي زندگين کي انهن جي سيرت جي مطابق ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# حضور ﷺ بحيثيت معاشي ماهر

مولانا عبدالعزيز عطاري

معيشت انسانيت جي بنيادي ضرورت آهي جنهن جي فراهمي بين ضرورتن وانگر اللہ پنهنجي ذمي تي رکي آهي(1) ۽ مختلف وسيلن ذريعي انهن جي معيشت جو بندوبست فرمايو.

جتي هر ملڪ ۽ قوم معيشت جي بهتري جي لاءِ مختلف تدبيرون ۽ منصوبا ٺائيندي ۽ اپنائيندي آهي، اتي اللہ جي آخري رسول صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهلِ اسلام کي ڏيتي ليتي، ڪاروبار ۽ ملازمت جا اهڙا اصول عطا ڪيا آهن جيڪي اخلاق سنوارڻ جا ضامن بہ آهن ۽ معيشت کي زوال ۽ نقصان کان بچائڻ ۽ اوج ثريا تائين پهچائڻ جي لاءِ ڪافي پڻ آهن.

### معيشت ڪمزور ڪرڻ وارا اُپاءُ

**(1) وياج:** حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جاهليت واري دورِ ئي مان وياج جي بنيادن تي قائم سرمايہ دارانہ نظام جي خاتمي جي لاءِ وياج جي سخت منع فرمائي ۽ وياج جي ڏيتي ليتي ڪرڻ وارن کي ملعون قرار ڏنائون(2) چوتہ وياج تي قائم سرمايہ دارانہ نظام گهڻن خاندانن ئي کي نہ بلڪ قومن ۽ ملڪن کي معاشي اپاهج ڪري ڇڏيندو آهي.

**(2) رشوت:** پاڻ ڪريم رشوت جي ڏيتي ليتي جو انجام جهنم جي باهہ ۾ سڙڻ ٻڌايو،(3) ناحق ڪنهن سان ڪم ڪرائڻ يا ڪنهن کي ڪم ڪرڻ يا بي قصور کي قصور وار يا قصور وار کي بي قصور قرار ڏيڻ وغيره جي لاءِ گهٽ يا وڌيڪ رقم يا مادي و غير مادي معاوضي جي ڏيتي ليتي جو نقصان ننڍي وڏي پيماني تي تمام گهڻو ٿيندو آهي، هن سان ادارن ۽ ملڪن کي وڏو ڏڪ رسندو آهي، مالي گهوٻيون ٿين ٿيون ۽ معيشت تي بہ گهرو اثر ٿئي ٿو.

**(3) ڌوکو:** ملڪي ۽ غير ملڪي سطح تي ننڍي وڏي ڪاروباري معاملا، ڀروسي ۽ اعتبار ئي جي سهاري ترقي ڪندا آهن، ۽ ڌوکي جي ڪري اعتبار ختم ٿي ويندو آهي، ڪاروبار جون جڙون ڪمزور ٿي وڃن ٿيون ۽ مالي طور گهٽتائي ٿئي ٿي، ان



ڪري زبردست ۽ دور انديش معيشت دان جي حيثيت سان حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ صرف ڌوڪي باز جي مذمت ڪندي فرمايائون جيڪو ڌوڪو ڏئي اهو اسان مان نہ آهي.(4) بلڪ ڌوڪي جي مختلف صورتن کي چٽي طور منع فرمايائون، مثال طور ملاوت ڪرڻ واري جي لاءِ سخت لفظ بيان ڪيا.(5) * ڪوڙ ڳالهائڻ واري کي خيانت ڪندڙ قرار ڏنو.(6) *ڪاروباري معاملن ۾ قسمون کڻي ماڻهن سان ٺڳي ڪرڻ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ڪاروبار ۾ غير ضروري طور تي گهڻا قسم کڻڻ کي بي برڪتي قرار ڏنو.(7) * مختلف سامان ۽ وکر جي خامين ۽ خرابين تي پردو ڏئي خريدار کي ڌوڪو ڏيڻ جو انجام، الله پاڪ جي ناراضي ۽ فرشتن جي لعنت جو موجب ٻڌايو.(8) * ماپڻ تورڻ ۾ ڪمي ذريعي ڌوڪو ڏيڻ وارن کي دنياوي انجام ڪار قحط، معاشي تنگي ۽ حڪمرانن جي ظلمن جو شڪار ٿيڻ ٻڌايو ويو.(9) ۽ گڏوگڏ وڪڻڻ واري کي تلقين بہ ڪئي جنهن جو مطلب هي هو تہ واپاري انصاف سان ڪجھ وڌيڪ سامان توري خريدار کي ڏيندا ڪن. (10) *جانور جي سودي کان پهريان ڪجھ ڏينهن تائين ان جو کير نہ ڏوهي ٿڻن ۾ روڪڻ کان منع فرمايو ويو تہ جيئن ٿڻن ۾ ڪيئي ڏينهن جي جمع ٿيل کير سان اهو ڌوڪي ۾ نہ رهي.(11)

**(4)فضول خرچي:** خوراڪ، لباس، سواري ۽ تعليم وغيره تي مناسب اخراجات يقينا ضروريات زندگي مان آهن پر ضرورتن کان هٽي سهولتن وغيره تي ننڍين وڏن فضول خرچن جي ڳالھ ڪئي وڃي تہ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان بہ روڪيو آهي. پاڻ يقين ڏياريو تہ وچٿرو خرچ ڪندڙ محتاج نہ ٿيندو.(12) ۽ خرچ ۾ وچٿرائي کي اڌ معيشت قرار ڏنائون.(13) جيڪا سنڌن اقتصاديات ۾ مهارت ۽ بصارت جو ثبوت آهي ڇوتہ مال بچائي بچائي سرمائي ۾ لڳائڻ معاشي قوت ۽ اضافي جي اهم اصولن مان آهي ۽ فضول خرچي ان ۾ وڏي رڪاوٽ آهي.

**(5) ذخيرو ڪرڻ:** خوراڪ جيئن تہ بنيادي ضرورت آهي ان ڪري گهڻو ڪري ان جي ذخيره اندوزي ڪئي ويندي آهي ۽ ماڻهو گهڻو مجبور پڻ خوراڪ لاءِ ٿيندا آهن، حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان غيراخلاقي حرڪت کي جذام ۽ مفلسي جو شڪار ٿيڻ ٻڌايو.(14) ذخيره اندوزي سان روڪڻ بہ سنڌن معيشت بابت بهترين ڄاڻ جو ثبوت آهي ڇوتہ ان جي ڪري ذخيرو ڪندڙ خوشحال ٿي ويندا آهن پر قومي معيشت جو ٻيڙو ٻڏي ويندو آهي جڏهن تہ بهترين معيشت، ملڪي ۽ قومي خوشحالي جو سبب آهي.

## معيشت کي مضبوط ڪرڻ وارا اُپاءَ

اهلِ اسلام جي معيشت جبل جيان مضبوط هجي، ان مان اسلام کي فائدو پهچي، مسلمانن کي مالي طور تي زير نہ ڪري سگهجي، هو غيرن جا محتاج نہ هجن، غير انهن جا محتاج هجن، ان ڪري حضورِ

اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معيشت ۽ اُپت ۾ اضافي، مال جي منصفانه تقسيم، ۽ قومي خوشحالي وغيره جا جيڪا ذريعا آهن، انهن جي دلڪشي واضح ڪئي ته جيئن مسلمان ان ڏانهن لاڙو ڪن، مثلاً * معيشت جي لاءِ واپار ۾ دلچسپي پيدا ڪرڻ جي لاءِ واپار جي پُرڪشي ۽ اهميت کي هيئن واضح فرمايائون، رزق جا ڏهن حصن مان نو حصا فقط واپار ۾ آهن.(15) ظاهر آهي واپار جي واڌاري سان روزگار جا ذريعا وڌن ٿا، نفعو وڌي ٿو ۽ اجتماعي طور تي مالي خوشحالي ايندي آهي * اهڙي طرح زڪوة ۽ صدقات وقت تي مستحق ماڻهن کي ڏيڻ بابت مختلف موقعن تي تاڪيد ڪيائون.(16) بلڪ ان جا مالي فائدا پڻ ٻڌايا ته زڪوٰة ادا ڪرڻ واري کان مال جو شر پري ٿيندو آهي.(17) ۽ صدقو مال کي وڌائي ٿو.(18) سُبْحٰنَ الله! الله جا رسول اقتصاديات ۾ ڪيترا ماهر هئا جو مسلمانن کي حسنِ معيشت بابت نهايت آسان اصول ٻڌايا، واقعي جيڪڏهن تمام مالدار اسلام جي زڪوٰة واري نظام مطابق سالانو پنهنجي زڪوٰة حقدارن کي ڏين ته قوم جلد ئي مفلسي جي ڄار مان آزاد ٿي خوشحال ٿي ويندي.

* اهڙي طرح پاڻ زراعت ۽ وڻ ڪاري ڏانهن جيڪا دلچسپي ڏيارائي ان جو حاصل هي آهي ته ڪنهن جي وڻ ڪاري يا زراعت سان انسان يا حيوان کي فائدو پهچي ته هي ان جي لاءِ صدقو آهي.(19) پاڻ زميندارن کي پنهنجي زمين ۾ پاڻ هارپو ڪرڻ يا ان جي لاءِ ڪنهن مسلمان ڀاءُ کي (ڪرائي تي) ڏيڻ بابت حڪم ڏنو (20) بلڪ عملي طور تي پاڻ به اهو ئي ڪيائون.(21) غور ڪريو ته معيشت ۾ زراعت ۽ وڻ ڪاري جي اهميت جيڪا اڄ سيني کي خبر آهي ته ان سان اناج، سبزيون ۽ ميوو حاصل ٿئي ٿو، انسان، پکي پکڻ کي فائدو ملي ٿو، زمين سون اڳائي ٿي ۽ ڪوڙ معاشي راهون کلن ٿيون، حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صديون اڳ ۾ اهلِ اسلام کي هن جي رغبت ڏياري هئي.

**وراثت:** حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وراثت، پٽن، نياڻين، ماءُ، زال ۽ ٻين رشتيدارن ۾ ورهائڻ جو حڪم ڏنو، ميراث ورهائڻ ۾ دورِ جاهليت جي دستور جي ابتڙ شريعتِ محمدي جي هن انقلابي اقدام ۾ وراثتي مال جي ونڊ جو دائرو پهريان کان وسيع ڪيو ويو، عورتون به وراثت جون حقدار قرار ڏنيون ويون، جيڪو معيشت جي بهتري جي لاءِ مفيد آهي ڇوته مال جو گهڻن هٿن ۾ پهچڻ، معيشت جي بهتري جو ضامن آهي.

**شراڪت داري:** خوبي معيشت ۾ شراڪت (واپار ۾ پارٽنري) جي به وڏي اهميت آهي ڇوته معاشري ۾ ڪوڙ ماڻهو سرمايه دار ته هوندا آهن پر ڪم لاءِ وقت، صلاحيت يا همت ناهي هوندي جڏهن ته گهڻن وٽ اهو سڀ هوندو آهي پر سرمايو ناهي هوندو، شراڪت داري سان اهي هڪ ٻئي جا

پرجهلا تي پوندا آهن ۽ معيشت هن سان بلندي تائين پهچندي آهي. هجرتِ مدينہ کان پوءِ هڪ وقت ۾ کوڙ پرديسي افراد کي مديني ۾ رهڻو هو، اتي جي معيشت جي لاءِ هي وڏو چيلنج هو، پر حضورِ اکرم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جهڙي زبردست معيشت جي ماهر بروقت عقدِ مواخات (جيڪا حقيقت ۾ شراڪت ئي هئي) جي ذريعي هن چيلنج کي آساني سان پورو ڪيو. پاڻ شراڪت داري کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ ايماندار شراڪت دارن کي الله پاڪ سان نصيب هئڻ جي خوشخبري بہ ٻڌائي.(22)

**بهترهنرسيکاريو:** حسنِ معيشت ۾ محنت ڪشي، هنرمندي ۽ دستڪاري (هترادو هنر) جي پنهنجي ئي اهميت آهي جنهن قوم ۾ محنت ڪش هنرمند ۽ دستڪار ماڻهو هجن ٿا، اهي معاشي پسماندگي کان محفوظ رهن ٿا، حضورِ اکرم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اقتصادي نگاهن کان اها ڳالهہ پڻ لڪيل نہ هئي، اهو ئي سبب آهي جو پاڻ هنرمندي ۽ محنت ڪشي ۾ اهلِ اسلام جي دلچسپي پيدا ڪرڻ جي لاءِ هڪ هنرمند ۽ زرهون ناهيندڙ نبي حضرت داؤد جو تذڪرو ڪندي هٿ جي ڪمائي کي بهترين رزق قرار ڏنائون.(23) هن مان هنر ۽ دستڪاري جي اهميت جي خبر پڻ پوي ٿي.

حضورِ اکرم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيرت ۽ فرمانن جي چراغن مان صرف ڪجھ لاٽن کي هتي تمام مختصر ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪو سندن معاشي معاملن ۾ مهارت جي خبر پوي ٿي ۽ Direct يا in direct معيشت ۽ اقتصاد جي اونداهي راهن کي جڳمڳائڻ جي لاءِ بہ ڪافي آهن، چوتہ جيڪڏهن انهن کي سنجيدگي سان اپنايو وڃي تہ ٿوري عرصي ۾ معيشت کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو.

الله پاڪ اسان کي حضور سان گهري محبت ۽ سندن سيرت اپنائڻ جي سعادت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

---

(1)پ 25،الزخرف:32

(2)مسلم، ص663، حديث:4093

(3)معجم اوسط،550/1، حديث:2026

(4)مسلم، ص64،حديث:284

(5)مسلم، ص64، حديث: 284 ماخوذاً

(6)ابوداؤد،381/4، حديث:4971ماخوذاً

(7)مسلم،ص668، حديث:4126 ماخوذاً

(8)ابن ماجہ،59/3،حديث:2247 ماخوذاً

(9)ابن ماجہ،368/4، حديث: 4019 ماخوذاً

(10)ابن ماجہ،47/3،حديث:2222 ماخوذاً

(11)بخاری،32/2،حديث:2148 ماخوذاً

(12)مسند امام احمد، 2 / 157، حديث: 4269ماخوذاً

(13)شعب الايمان، 5 / 254، حديث: 6568 ماخوذاً

(14)ابن ماجہ، 15/3، حديث: 2155

(15)موسوعۃ امام ابن ابی الدنيا، 451/7،حديث:213ملخصا

(16)بخاری،471/1، حديث:1395

(17)معجم اوسط،431/1، حديث:1579 ماخوذاً

(18)الترغيب و الترهيب للاصفهانی،ص364، حديث: 624 ماخوذاً

(19)بخاری،85/2،حديث:2320 ماخوذا

(20)بخاری،91/2،حديث:2340 ماخوذاً

(21)مسلم،ص645،حديث:3966 ماخوذا

(22)ابو داؤد،350/3،حديث:3383 ماخوذاً

(23)بخاری،11/2، حديث: 2072ماخوذاً



# رسول اللہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اصلاح جو انداز

محمد عباس عطاري مدني، شعبہ تراجم ڪتب (المدينة العلميہ)

حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا تہ سندن نور سان سارو جڳ روشن ٿي ويو، حضور انسانن ڪي ڪفر ۽ گمراهي جي اونداهي مان ڪڍي ۽ ايمان و سُنّت جي نُور سان روشني بخشي، گناهن جي دَلدَل مان ڪڍي نيڪين جي سڌي واٽ ڏيکاريائون. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن دنيا ۾ تشريف آڻڻ جو عظيم ترين مقصد ماڻهن جي اصلاح آهي. ڪفر و گمراهي ۽ بد عملي ۽ برين عادتن جي وادين ۾ ڀٽڪيل انسانن جي دين، عقيدي، عمل ۽ اخلاق جي اصلاح فرمائڻ جي لاءِ ربّ ڪريم حضور ڪي هدايت جي شمع بڻائي موڪليو.

حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي الله پاڪ ڪامل حڪمت عطا فرمائي ۽ تبليغ دين و اصلاح انسانيت جي لاءِ حڪمت ڀريو انداز اپنائڻ جو حڪم ارشاد فرمايو، جيئن رب پاڪ جو ارشاد آهي:

اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَالْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ

(پ14، النحل: 125)

ترجمو ڪنز الايمان: ”پنهنجي رب جي راهہ ڏانهن سڏيو پڪي تدبير ۽ چڱي نصيحت سان“ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن ارشادِ ربّاني تي ڪامل طور تي عمل فرمايو. حضور بهترين حڪمتِ عملي سان غير مسلمن ڪي دينِ اسلام جي دعوت ارشاد فرمائي، اهڙي طرح مسلمانن جي عقيدن، عملن ۽ اخلاق جي بہ وڏي حڪمت ۽ دانائي سان اصلاح فرمائيندا رهيا.

جيئن مختلف موقعن تي مسلمانن جي اصلاح لاءِ جيڪي عمده ۽ خوبصورت انداز پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اختيار فرمايا انهن مان ڪجھ روشن نبوي طريقا هتي بيان ڪجن ٿا.

### {1}... علم نہ رکڻ وارن جي شفقت سان اصلاح:

جيئن جيئن قرآنِ ڪريم نازل ٿيندو ويو، شرعي احڪام بہ نازل ٿيندا رهيا، تہ ان مهل ڪڏهن ماڻهن کان لاعلمي جي ڪري خطا بہ ٿي ويندي هئي ۽ پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نرمي وشفقت سان اصلاح فرمائيندا هئا.

جيئن حضرت معاويه بن حَڪم رضی اللہ عنہ بيان ڪن ٿا، مان حضور جي اقتداء ۾ نماز پڙهي رهيو هئس، ايتري ۾ ڪنهن کي نڇ آئي، مون نماز ۾ ئي ”يَرْحَمُڪَ اللّٰه“ چيو، ماڻهو مون ڏانهن اکين سان گهورڻ لڳا، چيم: ”توهان کي ڇا ٿيو؟ مون کي ڪيئن ڏسي رهيا آهيو؟“ ان تي ماڻهو پنهنجي رانن تي هٿ هڻندي مون کي چُپ ڪرائڻ لڳا، مان ماٺ ٿي ويس. نماز مڪمل ٿي وئي ته پياري آقا صَلَّی اللہُ علَیہِ واٰلِہٖ وَسلَّم مون کي گهرايو، حضور تي منهنجا ماءُ پيءُ فدا! مون حضور کان وڌيڪ سٺي انداز ۾ سيکارڻ وارو ناهي ڏٺو، حضور نه مون کي ماريو نه بُرو ڀلو چيو. بلڪ فرمايائون: ”هي جيڪا نماز آهي، هن ۾ ماڻهن جي گفتگو واري ڪا شيءِ درست ناهي هوندي، نماز ته تسبيح، تڪبير ۽ تلاوت جو نالو آهي.“(1)

**﴿2﴾...ماڻهو جي نشاندهي ڪرڻ کان بغير اصلاح:** ماڻهو جي نشاندهي ڪرڻ کان بغير تذڪرو فرمائڻ جو انداز قرآنِ ڪريم ۾ به مختلف هنڌن تي موجود آهي. جيئن ته ارشاد آهي:

وَمِنۡهُمۡ مَّنۡ اِنۡ تَاۡمَنۡهُ بِدِيۡنَارٍ لَّا يُؤَدِّهٖۤ اِلَيۡكَ اِلَّا مَا دُمۡتَ عَلَيۡهِ قَآئِمًا ؕ

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ انهن مان ڪو اهو آهي جيڪڏهن توهان ان وٽ هڪ دينار به امانت رکندؤ ته جيستائين توهان ان جي مٿان بيٺا نه رهندؤ اهو توهان کي ادا نه ڪندو.

(پ3، اٰل عمرٰن: 75)

اسان جي پياري آقا صَلَّی اللہُ علَیہِ واٰلِہٖ وَسلَّم جو هڪ پيارو انداز هي هو جو ماڻهن جي غلطي ڏانهن ڌيان ڏياريندا ها ۽ اصلاح ڪندا هئا پر هي بيان نه ڪندا هئا ته غلطي ڪنهن کان ٿي هئي. هي انداز اختيار ڪرڻ سان هڪ فائدو هي به ٿيندو آهي جو اصلاح به ٿي ويندي آهي ۽ ان ماڻهو جي دل ۾ ڪا ڪوٽ به ناهي ايندي. حضرت عائشه صديقه رضی اللہ عنہا بيان ڪن ٿيون، رسولُ الله صَلَّی اللہُ علَیہِ واٰلِہٖ وَسلَّم کي ڪنهن شخص جي حوالي سان ڪا ڳالھ پهچندي هئي ته ان کي هيئن نه فرمائيندا هئا ته”توهان هيئن ڪيو!“ بلڪ فرمائيندا هئا: ”اُن ماڻهن جو ڇا معاملو آهي جيڪي هيئن هيئن چون ٿا.“(2) نيز حضرت انس رضی اللہ عنہ بيان ڪن ٿا ته ٽي صحابي سڳورا (گڏ ٿيا، انهن) مان هڪ چيائين: ”مان هميشه سڄي رات نماز پڙهندس.“ ٻئي چيائين: ”مان هميشه روزيدار رهندس، ڪڏهن روزو نه ڇڏيندس.“ ٽئين چيائين: ”مان عورتن کان جدا رهندس، ڪڏهن نڪاح نه ڪندس.“ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ علَیہِ واٰلِہٖ وَسلَّم انهن وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون: ”توهان ئي اهي آهيو جنهن هيئن هيئن چيو؟ خبردار رهو! ته خدا جو قسم! مان توهان سڀني کان الله کان وڌيڪ ڊڄڻ وارو ۽ خوف ڪرڻ وارو آهيان پر مان روزا به رکان ٿو، روزا ڇڏيان به ٿو، نماز به پڙهان ٿو، سمهان به ٿو، عورتن سان نڪاح به

ڪيان ٿو. تہ جنهن منهنجي سُنّت کان پاسو ڪيو! اهو مون مان نہ آهي.“(3)

**﴾3﴿...غلط فهمي جي اصلاح:** بعض اوقات غلطي جو سبب غلط فهمي هوندي آهي، ۽ اها غلط فهمي پري ڪئي وڃي تہ ماڻهو پنهنجي غلطي کي درست ڪري وٺندو آهي. اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ هن مبارڪ انداز کي اختيار ڪندا هئا جيئن روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ شخص کي صدقو وٺڻ لاءِ مقرر ڪيو، جڏهن هو واپس آيو تہ چيائين: ”هي اوهان جو آهي ۽ هي مون کي تحفي ۾ ڏنو ويو آهي.“ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منبر تي تشريف فرما ٿيا ۽ الله پاڪ جي حمدوثنا کان بعد ارشاد فرمايو: ”اُن عامل جو ڪهڙو معاملو آهي جن کي اسان موڪليون ٿا ۽ هو اچي چوي ٿو تہ هي توهان جو آهي ۽ هي منهنجو آهي. تہ پوءِ هو پنهنجي ماءُ پيءُ جي گهر ئي ڇو نہ ويٺو رهيو تہ ڏسي ها، ڇا ان کي تحفو ڏنو وڃي ٿو يا نہ؟ ان ذات جو قسم، جنهن جي قبضہ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! اهڙو شخص قيامت جي ڏينهن ان شيء کي پنهنجي ڪلهن تي کڻي ايندو، جيڪڏهن اٺ آهي تہ هو رڙندو هوندو، ڳئون آهي تہ اها رنيندي هوندي ۽ ٻڪري آهي تہ ٻيڪندي هوندي.“(4)

هن حديث جي شرح ۾ مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”يعني هي نذرانو نہ آهي بلڪ رشوت آهي چوتہ هن جي ذريعي صاحبِ نصاب، آئنده اصل زڪوة مان ڪجھ گهٽ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا.“(5)

**﴾4﴿...مثال ۽ دانائي سان اصلاح:** قراٰنِ ڪريم جو پيارو انداز آهي جو ڪافي هنڌن تي مثال جي ذريعي ڳالھ سمجهائي ويندي آهي، اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو تہ سارو اخلاق ئي قراٰنِ ڪريم آهي.(6) سندن هر عمل قرآنِ ڪريم جو تفسير آهي، اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هڪ مبارڪ انداز مثال ۽ دانائي سان اصلاح فرمائڻ پڻ آهي، جيئن روايت آهي تہ هڪ نوجوان بارگاھ رسالت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيائين: ”يا رسول الله! ڇا اوهان مون کي زنا جي اجازت ڏيو ٿا؟“صحابي سڳورن ان کي ڇڙٻ ڏنائون. حضورِ اقدس صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابي سڳورن کي منع فرمايو ۽ ان شخص کي فرمايائون: ”ويجهو اچ.“ هو ويجهو ٿيو. ارشاد فرمايائون: ”ڇا توهان پسند ڪيو ٿا تہ ڪو شخص توهان جي ماءُ سان زنا ڪري؟“ عرض ڪيائين: ”نہ.“ فرمايائون: ماڻهو بہ پنهنجي مائرن جي لاءِ هي پسند نٿا ڪن.“ پوءِ فرمايائون: ”ڇا توهان پسند ڪيو ٿا تہ ڪو توهان جي ڌيء سان زِنا ڪري؟“ عرض ڪيائين: ”نہ.“ فرمايائون: ”ماڻهو پڻ پنهنجي نياڻين جي لاءِ هي پسند نٿا ڪن.“ پوءِ فرمايائون: ”ڇا توهان پسند ڪيو ٿا تہ ڪو تنهنجي ڀيڻ سان زِنا ڪري؟“ عرض ڪيائين: ”نہ.“ فرمايائون: ”ماڻهو بہ پنهنجي ڀينرن جي لاءِ هي پسند نٿا ڪن.“ پوءِ هيئن

پڪيءِ هٽيائو ۽ ماسي بابت بہ پڇيائون ۽ نصيحت ڪندي ارشاد فرمايائون: ”توهان جيڪو ڪجھ پنهنجي لاءِ ناپسند ڪيو ٿا اهو ماڻهن جي لاءِ بہ ناپسند ڪيو ۽ جيڪو ڪجھ پنهنجي لاءِ پسند ڪريو ٿا اهو ئي ماڻهن جي لاءِ بہ پسند ڪيو.“ ان شخص عرض ڪيائين: ”يا رسول الله! الله پاڪ کان دُعا گهرو تہ الله پاڪ منهنجي دل پاڪيزه فرمائي.“ حضور رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان سيني تي پنهنجو مبارڪ هٿ رکي دعا گهري تہ ”يا الله! هن جا گناھ بخشي ڇڏ، ان جي دل پاڪيزه فرما ۽ هن جي پارسائي جي حفاظت فرما.“ (هن دعا جي هي برڪت ظاهر ٿي جو) اهو شخص وري ڪڏهن اهڙين شين ڏانهن متوجه نہ ٿيندو هو.(7)

**{5}...الفاظ جي اصلاح:** دينِ اسلام ۾ جتي دِلي ارادن جي اهميت آهي اتي زباني جملن ۽ لفظن جي بہ وڏي اهميت آهي. اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن جي ارادن ۽ ڪمن کي درست ڪرڻ سان گڏوگڏ لفظن جي بہ اصلاح ڪندا هئا. جيئن حضرت عائشه رضی اللہ عنہا بيان ڪن ٿيون، رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون: ”توهان مان ڪو بہ هي نہ چوي تہ منهنجو نفس خبيث ٿي ويو آهي بلڪ هي چوي تہ منهنجو نفس پريشان ٿي ويو آهي.“(8) مفتي احمد يار خان نعيمي رحمة الله عليہ هن جي وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: ”خُبث، فسادِ عقيده کي بہ چئبو آهي، ڪفر، بي ديني خباثت آهي. لهٰذا پنهنجي لاءِ هي مشترڪ لفظ استعمال نہ ڪيو ڇوتہ هن ۾ هڪ معني سان پنهنجي ڪفر يا بي ديني جو اقرار آهي.“(9)

اهڙي طرح حضرت عائشه صديقه رضی اللہ عنہا بيان ڪن ٿيون، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ ڪجھ يهودي آيا ۽ انهن چيو: ”اَلسَّامُ عَلَيۡكُمۡ يعني توهان تي موت هجي.“ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جواب ڏنائون: ”توهان تي هجي.“ حضرت عائشه صديقه رضی اللہ عنہا اُن يهودين کي جواب ڏيندي چيائون: ” عَلَيۡكُمۡ، وَلَعَنَكُمُ اللهُ، وَغَضِبَ اللهُ عَلَيۡكُمۡ توهان تي موت هجي، الله پاڪ توهان تي لعنت ۽ توهان تي غضب فرمائي.“ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”عائشه! ڇڏي ڏيو ۽ نرمي اختيار ڪيو، بداخلاقي ۽ بدگوئي کان بچو.“ حضرت عائشه رضی اللہ عنہا عرض ڪيائون: ”جيڪو انهن چيو، اهو حضور جن نہ ٻڌو؟“ ارشاد فرمايائون”ڇا توهان اهو نہ ٻڌو جيڪو مون چيو. مون اها ئي ڳالھ انهن تي موٽائي ڇڏي، انهن جي باري ۾ منهنجا لفظ قبول ٿي ويا ۽ منهنجي باري ۾ انهن جا لفظ قبول نہ ٿيا.“(10)

**{6}...بند لفظن ۾ اصلاح:** پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سيرت ۾ هي حڪمت پريو انداز بہ ملي ٿو تہ هر هنڌ واضح لفظن سان ڳالھ ناهي ڪئي ويندي، ڪڏهن ڪڏهن بند لفظن سان ڳالھ ڪرڻ ۾ گهڻو اثر ٿيندو آهي، جيئن حضرت حڪيم بن حِزام رضی اللہ عنہ

بيان ڪن ٿا، مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان گهريو، حضور سائين عطا فرمايو، مون ٻيهر گهريو، حضور جن مون کي وري عطا فرمايائون، مون وري گهريو، حضور مون کي وڌيڪ عطا فرمايو، پوءِ مون کي فرمايائون: ”اي حڪيم! هي مال سبز باغ آهي، ظاهر ۾ وڏي مني شيءِ آهي، جيڪو ان کي دلي بي نيازي سان وٺندو، ان جي ان مال ۾ برڪت ٿيندي ۽ جيڪو ان کي نفساني لالچ سان وٺندو ان کي برڪت نہ ٿيندي ۽ هو ان جهڙو آهي جيڪو کاڌو کائي ٿو پر ان جو پيٽ نٿو پرجي. مٿي وارو هٿ هيٺ واري هٿ کان بهتر آهي.“ (هن حڪمت ڀري نصيحت جو هي اثر ٿيو جو) حضرت حڪيم بن حزام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو: ”يا رسول الله! ان ذات جو قسم جنهن اوهان کي حق سان موڪليو آهي، مان دنيا مان وڃڻ تائين اوهان جي علاوه ڪنهن کان ڪجهہ نہ گهرندس.“ اسلام جي پهرين خليفي حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضرت حڪيم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي مال ڏيڻ چاهيندا هئا تہ هو منع ڪري ڇڏيندا هئا. پوءِ جڏهن اسلام جي ٻين خليفي حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪين مال ڏيڻ چاهيو تہ بہ پاڻ انڪار ڪري ڇڏيو.(11)

### ﴿7﴾...دور انديشي جي پيشِ نظر اصلاح:

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حڪمت جو سرچشمو آهن، جيئن ارشاد فرمائن ٿا: ”اَنَا دَارُ الْحِكْمَةِ يعني مان حڪمت جو گهر آهيان.“(12)

لهٰذا حضور جن جي هر فرمان ۽ عمل ۾ ڪوڙ حڪمتون آهن، حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دُور انديشي جي پيشِ نظر بہ اصلاح فرمائيندا هئا. حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا، حضرتِ اَنجَشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا هڪ حُدِي خوان (يعني اٺن جي لاءِ گيت ڳائڻ وارا) هئا ۽ هو خوش آواز هئا. نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُن کي فرمايو: ”اَنْجَشہ! ڇڏي ڏيو، ڪچيون شيشيون نہ ٽوڙي ڇڏيو.“ حضرت قتاده رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني ڪمزور دل عورتون.(13) يعني (فرمانِ عالي جو مطلب آهي) مون سان گڏ سفر ۾ عورتون بہ آهن جن جون دل ڪچي شيشي جيان ڪمزور آهن، خوش آوازي انهن ۾ تمام گهڻو اثر ڪندي آهي ۽ اهي ماڻهن جي ڳائڻ سبب گناهہ ڏانهن مائل ٿي سگهن ٿيون، ان ڪري پنهنجو گانو بند ڪري ڇڏيو. هي اعليٰ فرمان قيامت تائين عورتن لاءِ آهي، نہ تہ صحابيات بابت فِسق ۽ فجور جو وهم بہ نٿو ڪري سگهجي. (فرمانِ عالي جو) مقصد هي آهي تہ مرد عورتن کي گيت نہ ٻڌائي اهڙي طرح عورتون مردن کي گيت نہ ٻڌائن، ڇوتہ هن سان عشق ۽ بدمعاشي (برائي) پيدا ٿئي ٿي.(14)

### ﴿8﴾...ماڻهن جي رُتبي جي لحاظ کان اصلاح:

ماڻهن سان انهن جي مقام ۽ رتبي مطابق پيش اچڻ گهرجي. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا تہ ”اَنْزِلُوا النَّاسَ مَنَازِلَهُمْ يعني

ماڻهن کي انهن جي درجن ۾ رکو.“(15)
سيني ماڻهن سان هڪ ئي انداز ناهي رکيو ويندو، ايستائين جو حد لڳائڻ جي علاوه معاملات ۾ عزت دارن کي معافي ڏيڻ جو ارشاد فرمايو ويو آهي، جيئن حديث شريف ۾ آهي: ”عزت دارن جون لغزشون معاف ڪريو سواءِ حدود جي.“(16) شرعي مسئلو آهي ته سيد سڳورا ۽ عالم سڳورا وجاهت ۽ عزت وارا هجن، انهن جي تعزير ادنيٰ درجي جي هوندي، جو قاضي انهن کي ايترو چئي ته ”اوهان هيئن ڇو ڪيو؟“ اهڙن جي لاءِ ايترو چوڻ ئي رکجي وڃڻ جي لاءِ ڪافي آهي.(17) اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن جي رُتبي جي مطابق اصلاح فرمائيندا هئا.

حضرت ابو مسعود انصاري رضی اللّٰه عنه بيان ڪن ٿا، مان پنهنجي غلام کي ماري رهيو هئس ته مون پنهنجي پنيان کان هڪ آواز ٻڌو ته ”ابو مسعود! ياد رکو الله توهان تي هن کان وڌيڪ قادر آهي جيترو توهان هن تي آهيو.“ مون پنيان مڙي ڏٺو ته هو رسول الله صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هئا. مون عرض ڪيو: ”يارسول الله! هي الله پاڪ جي لاءِ آزاد آهي.“ حضور فرمايو: ”جيڪڏهن توهان هي نه ڪيو ها ته توهان کي باه ساڙي ها.“ يا فرمايائون: ”باه پهچي ها.“(18)

جڏهن ته اهڙو ئي واقعو انبياءِ ڪرام کان بعد سب انسانن کان افضل هستي، اسلام جا پهريان خليفه حضرت صديقِ اڪبر رضی اللّٰه عنه سان به پيش آيو پر ان موقعي تي حضور لطيف انداز سان اصلاح فرمائي، جيئن روايت آهي ته حضرت صديقِ اڪبر رضی اللّٰه عنه پنهنجي غلام جي غلطي تي ان کي ماري رهيا هئا، حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان تي فرمائڻ لڳا: ”ڏسو هي احرام وارو ڇا ڪري رهيو آهي!“ (19)

شرعي مسئلوهي آهي ته ”آقا غلام کي تعزير ڪري (سزا ڏئي) سگهي ٿو.“(20) پر بيان ٿيل فرمانِ نبوي سان خبر پوي ٿي ته سزا کي ڇڏي ڏيڻ وڌيڪ بهتر آهي.“(21)

**(9)...غلطي جي نشاندهي فرمائي اصلاح:**

انسان غلطي کان تڏهن رجوع ۽ پاسو ڪندو آهي جڏهن ان کي غلطي جو علم هجي. حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ انداز هي هو جو پاڻ غلطي جي نشاندهي ڪري اصلاح ڪندا هئا. حضرت عائشه رضی اللّٰه عنها بيان ڪن ٿيون، هڪ ننڍي قد واري عورت آئي. پيارا آقا صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما هئا. مون حضور جي سامهون آڱوٺي سان اشارو ڪيو (ته هي ننڍي قد واري آهي). نبي ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”توهان ان جي غيبت ڪئي.“(22)

**(10)...عقيدي بابت غلطين جي اصلاح:**

نبي ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن جي اعتقادي ۽ فڪري غلطين جي به اصلاح ڪندا ها.

جيئن جاهليت واري دؤر ۾ ماڻهو چوندا هئا ته سج ۽ چنڊ کي تڏهن گرهڻ لڳي ٿو جڏهن ڪنهن عظيم هستي جو مَوت ٿيندو آهي.(23)

عهدِ رسالت ۾ جنهن ڏينهن نبي جو شهزادو حضرت ابراهيم رضی اللہ عنہ دنيا مان لاڏاڻو فرمايو ۽ انهي ڏينهن سج کي گرهڻ لڳو ته ماڻهو چوڻ لڳا: ”ابراهيم جي وفات سان سج کي گرهڻ لڳو.“ رسولِ ڪريم صلّی اللہ علیہ واٰلہ وسلّم ارشاد فرمايو: ”سج ۽ چنڊ کي ڪنهن جي زندگي ۽ موت جي ڪري گرهڻ ناهي لڳندو، سج ۽ چنڊ ته الله پاڪ جي نشانين مان ٻه نشانيون آهن. جڏهن توهان گرهڻ ڏسو ته نماز پڙهو ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ دُعا گهرو.“(24)

اي عاشقانِ رسول! اسان جي پياري آقا صلّی اللہ علیہ واٰلہ وسلّم جي تمام مبارڪ زندگي ئي اصلاح ۽ هدايت جو نور آهي، پاڻ پنهنجي مبارڪ ظاهري زندگي ۾ ماڻهن جي دين ۽ مذهب، عقائد وخيالات ۽ اعمال واخلاق جي اصلاح ڪندا رهيا، سيرت سڄوري ۾ انسانيت جي هدايت ۽ امت جي اصلاح جا رنگارنگ گل ۽ خوش نما گلستان مِلن ٿا، هتي انهن مان ڳڻتي جا ڪجهه ئي گل پيش ڪيا ويا آهن. الله پاڪ کان دُعا آهي ته هو اسان کي حقيقي معني ۾ سيرتِ مصطفيٰ جي پيروي ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّی اللہ علیہ واٰلہ وسلّم

---


1...صحيح مسلم، ص215، حديث: 1199
2...اخلاق النبی وآدابہ لابی الشيخ، ص41، حديث: 152
3...بخاری، 3/ 421، حديث: 5063
4...بخاری، 4/ 465، حديث: 7174
5...مرأة المناجيح، 3/ 13
6...مسلم، ص293، حديث: 1739
7...مسند الشاميين، 2/ 139، حديث: 1066ملخصاً
8...بخاری، 4/ 150، حديث: 6179
9...مرأة المناجيح، 6/ 414
10...بخاری، 4/ 108، حديث: 6030۔ مسلم، ص920، 919،حديث: 5658
11...بخاری، 1/ 497، حديث: 1472
12...ترمذی، 5/ 402، حديث: 3744
13...بخاری، 4/ 158، حديث: 6211
14...مرأة المناجيح، 6/ 443
15...ابو داود، 4/ 343، حديث: 4842
16...ابو داود، 4/ 178، حديث: 4375
17...بہار شريعت، حصہ 9، 2/ 404، ملتقطاً
18...مسلم، ص699، حديث: 4308
19...صحيح ابن خزيمۃ، 4/ 198، حديث: 2679
20...بہار شريعت، حصہ9، 2/ 403
21...تفسير ابن كثير، البقرة، تحت الآية:197 ، 1/ 407
22...شعب الايمان، 5/ 303، حديث: 6730
23...نسائی، ص257، حديث: 1487
24...بخاری، 1/ 357، حديث:1043

# صفر مهينو، وهم ۽ وسوسا

صفر اسلامي سال جو ٻيون مهينو آهي هن اسلامي مهيني لاء عام رسمي رواجي ڳالهيون تمام گهڻيون مشهور آهن ڪجھ ماڻهن جو خيال ۽ عقيدو هوندو آهي ته صفر مهيني ۾ مصيبتون نازل ٿينديون آهن جنهن ڪري هي مهينو منحوس آهي اهڙي قسم جا سڀ وهم عقيدا انسان جي پنهنجي ذهن جا فتور آهن اسلامي عقيدن ۽ تعليمات سان انهن وهمن وسوسن جو ڪوبہ تعلق ناهي

### اسلام کان اڳ صفر متعلق عربن جو عقيدو

عرب دنيا جا ماڻهو ذي القعد ذي الحج ۽ محرم انهن ٽنهي مهينن جي حرمت رکي انهن مهينن ۾ هر قسم جي جهيڙي جنگ کان پرهيز ڪندا هئا ۽ جڏهن صفر مهينو ايندو هيو ته جنگين ۽ بدلن وٺڻ لاء پنهنجي گهرن ڳوٺن شهرن کي خالي ڇڏي ٻين علائقن طرف نڪري ويندا هئا جنهنڪري هو صفر مهيني کي صفرالمڪان يعني گهر ويران خالي ڇڏڻ جو مهينو سڏيندا هئا ۽ سفر مهيني کي منحوس ليکيندا هئا ته اسان جا گهر ويران ڪري ڇڏيائين. جڏهن اسلام آيو ته حضور ﷺ جن انهن سيني ڳالهين وهمن رسمن عقيدن کي باطل قرار ڏنو صفر مهيني ۾ مصيبتون نازل ٿيڻ ماڻهن جو خيال هوندو آهي ته صفر مهيني ۾ مصيبتون نازل ٿينديون آهن پر الله تعالي جي پاڪ ڪلام ۽ نبي پاڪ ﷺ جن جي حديث ۾ اهڙو ڪو بہ فرمان موجود ناهي.

الله تعالي قرآن پاڪ ۾ فرمائي ٿو: وَ مَآ اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ (سوره شوري)

**ترجمو:** ۽ جيڪا مصيبت توهان تي اچي ٿي اها توهان جي هٿن جي ڪيل بداعمالي سبب آهي معني ته وقت ڪوبہ منحوس ناهي هوندو ايندڙ مصيبت انسان جي پنهنجي هٿ جي ڪيل لوڙ هوندي آهي.

حضور پاڪ ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي لا عدوي ولا صفر ولاهامة (صحيح البخاري ڪتاب الطب)

**ترجمو:** هڪ کي ٻئي کان ڪا بيماري ناهي لڳندي نہ صفر منحوس آهي ۽ نہ ئي ڪنهن پکي جي فال آهي.